www.awamisoach.pk

جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC Certified

Daily AWAMI SOACH Karachi

روزاني عوامي سوچ ڪراچي

چيف ايڊيٽر حاجي محمد حنيف ميمڻ

(جلد 15) اڱارو 30 سيپٽمبر 2025 ع بمطابق 06 ربيع الثاني 1447ھ (شمارو 350) قيمت 20 روپيا

ڪي اليڪٽرڪ سميت سموري ملڪ جي صارفين لاءِ بجلي مهانگي ڪئي وئي

ڊسڪوز جي آگسٽ جي ماهوار فيول چارجز ايڊجسٽمينٽ بابت نيپرا هيڊ ڪوارٽر ۾ عوامي ٻڌڻي مڪمل ٿي وئي جنهن ڪان پوءِ ڀڌرائي ٻه جاري ڪئي وئي

عوامي ٻڌڻي چيئرمين نيپرا جي صدارت هيٺ ٿي جنهن ۾ سي پي پي اي جي عهديدارن، بزنس ڪميونٽي، توانائي واري وزارت جي نمائندن، صحافين ۽ عوام وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سي پي پي اي جي ايف سي اي جي مد ۾ 19 پئسا في يونٽ اضافي جي درخواست جمع ڪرائي وئي هئي، اهو فيصلو صرف هڪ مهيني جي لاءِ لاڳو ٿيندو

اهڙو فيصلو ڊسڪوز خاص طور تي ڪي اليڪٽرڪ جي سمورن صارفين، پري پيڊ صارفين ۽ اليڪٽرڪ وهيڪل چارجنگ اسٽيشنز تي ٻه ٿيندو: سي پي پي اي

اٿارٽي سمورن لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊرز کي تسلي سان ٻڌو، اٿارٽي ڊيٽا جي وڌيڪ جانچ پڙتال ڪان پوءِ پنهنجو تفصيلي فيصلو جاري ڪندي: نيپرا

اسلام آباد (بيورو) ڪي اليڪٽرڪ سميت سموري ملڪ جي صارفين لاءِ بجلي هڪ مهيني جي لاءِ مهانگي ڪئي وئي آهي. ڊسڪوز جي آگسٽ جي ماهوار فيول چارجز ايڊجسٽمينٽ بابت نيپرا هيڊ ڪوارٽر ۾ عوامي ٻڌڻي مڪمل ٿي وئي جنهن ڪان پوءِ ڀڌرائي ٻه جاري ڪئي وئي. نيپرا پاري جاري ڪيل ڀڌرائي موجب عوامي ٻڌڻي چيئرمين نيپرا جي صدارت هيٺ ٿي جنهن ۾ سي پي پي اي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

چين سان جنگ جو خطرو، آمريڪا جو دفاعي ڪمپنين کي ميزائلن جي پيداوار چئوڻي ڪرڻ جو حڪم

آمريڪا دفاعي ڪمپنين کي هدايت ڪئي آهي ته هو ميزائيلن ۽ ٻين اهم هٿيارن جي پيداوار 2 ڪان 4 ڀيرا تائين وڌائن، جيئن چين سان امڪاني ٽڪرار جي صورت ۾ هٿيارن جي کوٽ ڪان بچي سگهجي

پينٽاگون آمريڪي هٿيارن جي گهٽ اسٽاڪ تي پريشان آهي ۽ انڪري پنهنجن ميزائيل فراهم ڪندڙن تي زور ڏئي رهيو آهي ته هو تيز رفتاري واري شيڊيول تحت پيداوار وڌائن: وال اسٽريٽ جرنل

ڊپٽي ڊفينس سيڪريٽري اسٽيو فينبرگ ان عمل جي سڌي ريت نگراني ڪري رهيو آهي ۽ هفتيوار بنيادن تي ڪمپنين جي سربراهن سان رابطي ۾ رهي ٿو ذريعا

جون ۾ پينٽاگون اهم ميزائيل ساز ڪمپنين کي هڪ اجلاس لاءِ طلب ڪيو هو جنهن ۾ آمريڪي بچاءَ واري وزير پيٽ هيگسٿ ۽ چيئرمين جوائنٽ چيفس آف اسٽاف جنرل ڊين ڪين ٻه شرڪت ڪئي

جون ۾ ٽرمپ انتظاميا وڌيڪ جارحاڻي پيداوار جا هدف مقرر ڪيا هئا، انهي عرصي دوران اسرائيل ۽ ايران جي وچ ۾ 12 ڏينهن واري جنگ ۾ آمريڪا سوين جديد ميزائيل استعمال ڪيا جهڙوڪ جنهن سبب آمريڪي اسٽاڪ وڌيڪ گهٽجي ويا

سيپٽمبر ۾ آمريڪي فوج لاڪ هيڊ مارٽن کي لڳ ڀڳ 10 ارب ڊالر جو ٺيڪو ڏنو، جنهن تحت اها ڪمپني 2024 ڪان 2026 جي وچ ڌاران اٽڪل 2 هزار پي اي سي ـ 3 ميزائيل تيار ڪندي

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪا دفاعي ڪمپنين کي هدايت ڪئي آهي ته هو ميزائيلن ۽ ٻين اهم هٿيارن جي پيداوار 2 ڪان 4 ڀيرا تائين وڌائن، جيئن چين سان امڪاني ٽڪرار جي صورت ۾ هٿيارن جي کوٽ ڪان بچي سگهجي. وال اسٽريٽ جرنل جي رپورٽ موجب، پينٽاگون آمريڪي هٿيارن جي گهٽ اسٽاڪ تي پريشان آهي ۽ انڪري پنهنجن ميزائيل فراهم ڪندڙن تي زور ڏئي رهيو آهي ته هو تيز رفتاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پاڪستان رينجرز سنڌ پاران اسمگلنگ جي روڪٿام لاءِ آپريشن جاري

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان رينجرز سنڌ پاران اسمگلنگ جي روڪٿام لاءِ آپريشن جاري آهي پاڪستان رينجرز سنڌ ڳجهي ڄاڻ جي بنياد تي ٻه مختلف ڪارروايون ڪري ڪراچي جي علائقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اسلام آباد: قائمقام صدر يوسف رضا گيلاني سان پاڪستان ۾ مقرر ڊبليو ايف پي جي آفيسر ملاقات ڪندي

نتنياهو دوحا ۾ اسرائيلي حملي تي قطر ڪان معافي گهري ورتي

اسرائيلي وزيراعظم آمريڪي صدر سان ملاقات بعد قطري وزيراعظم ڪان فون ڪري معافي گهري

ياد رهي ته 9 سيپٽمبر تي اسرائيل قطر جي گادي واري هنڌ دوحا ۾ فلسطيني مزاحمتي تنظيم حماس جي هيڊ ڪوارٽر تي حملو ڪيو هو

واشنگٽن: اسرائيلي وزيراعظم بنجمن نتنياهو قطر جي گادي واري هنڌ دوحا تي اسرائيلي هوائي حملي تي قطر ڪان معافي ورتي آهي. پرڏيهي نيوز ا/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاه صوبائي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار جي والده جي وفات تي گهري ڏک جو اظهار

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاه صوبائي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار جي والده جي وفات تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو آهي: سنڌ جي وڏي وزير مرحومه لاءِ جنت الفردوس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: نائين واري وفاقي وزير سان جرمني جي سفير ملاقات ڪري رهي آهي

منهنجو پاڻي، منهنجو پئسو ڪنهن کي ان سان کهڙي تڪليف آهي: مريم نواز

جڏهن نواز شريف تي سخت وقت آيو ته سيئي اڳواڻ سينا رُڪ جي پٽ جيان بيٺا رهيا، راڻا ثناءُالله تي منشيات جو بي بنياد ڪيس ٺاهيو ويو

پنجاب پنهنجي عوام کي يورپ جهڙي ٽرانسپورٽ فراهم ڪري رهيو آهي، اليڪٽرڪ بسون ننڍن شهرن ۽ وڏن شهرن ۾ آٽينداسين

فيصل آباد ڊويزن لاءِ 150 اليڪٽرڪ بسون آنديون ويون آهن، ڇهه هفتن ۾ فيصل آباد ۾ ميٽرو جي تعمير شروع ٿي ويندي، اهو وقت گهڻو پري ناهي

وزيراعليٰ پنجاب مريم نواز

فيصل آباد (بيورو) پنجاب جي وزيراعليٰ پنجاب مريم نواز چيو آهي ته منهنجو پاڻي، منهنجو پئسو ڪنهن کي ان سان کهڙي تڪليف آهي. پنجاب کي صلاح ڏيندڙ پنهنجون صلاحون پاڻ وٽ رکن. فيصل آباد ۾ تقريب ۾ خطاب ڪندي مريم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

الله پاڪ ڪشمير کي بي پناه نعمتن سان نوازيو آهي: ڊي جي آءِ ايس پي آر

آزاد ڪشمير ۾ سياسي نظام ڪم ڪري رهيو آهي ۽ جيڪڏهن رياست ٽيڪس نه وٺندي ته مراعتون ۽ پگهارون ڪيئن ڏنيون وينديون؟

آزاد ڪشمير ۾ سياسي نظام آهي جيڪو ڪم ڪري رهيو آهي ۽ هتي جا سيئي شعبا شامل آهن تعليم، صحت ۽ انفراسٽرڪچر گهڻو بهتر آهي

ڊي جي آءِ ايس پي آر آزاد ڪشمير جي علائقي پلندري ۾ مختلف يونيورسٽين جي هڪ هزار شاگردن ۽ استادن سان ملاقات ڪئي ۽ سندن سوالن جا جواب پڻ ڏنا

اسلام آباد (بيورو) ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو آهي ته آزاد ڪشمير ۾ سياسي نظام ڪم ڪري رهيو آهي ۽ جيڪڏهن رياست ٽيڪس نه وٺندي ته مراعتون ۽ پگهارون ڪيئن ڏنيون وينديون؟ ڊي جي آءِ ايس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

جسٽس طارق جهانگيري کي ڪم ڪان روڪڻ وارو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو حڪم نامو معطل

سپريم ڪورٽ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ٻه رڪني بئنچ جو حڪم نامو معطل ڪري ڇڏيو

عدالت ڌرين ۽ اٽارني جنرل آفيس کي نوٽيس جاري ڪندي ٻڌڻي اڄ تائين ملتوي ڪري ڇڏي

اسلام آباد (بيورو) سپريم ڪورٽ جسٽس طارق جهانگيري کي ڪم ڪان روڪڻ جو حڪم نامو معطل ڪري ڇڏيو. سپريم ڪورٽ ۾ اسلام آباد هاءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

سنڌ سرڪار پاڪستان ۾ پهرئين ڀيري پنهنجي ٽيڪسي سروس شروع ڪرڻ وڃي رهي آهي: شرجيل ميمڻ

اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ هڪ اهم اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ کي صوبي ۾ جاري ٽرانسپورٽ جي رٿائن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي

سنڌ سرڪار جي ڪوشش آهي ته ڊسمبر 2025 تائين اي وي ٽيڪسي سروس عوام کي فراهم ڪئي وڃي: سينيئر صوبائي وزير

ڪراچي: سنڌ جو سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ اي وي ٽيڪسي متعارف ڪرائڻ واري اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ سرڪار پاڪستان جي پهرين حڪومتي ٽيڪسي سروس شروع ڪرڻ ۽ اي وي ٽيڪسي لانچ ڪرڻ جون تياريون تيز ڪري ڇڏيون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي ۾ سامونڊي هوائون بند: موسميات کاتي سخت گرمي پوڻ جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) موسمياتي تجزيو ڪندڙ جواد ميمڻ اڄ شهر ۾ موسم سخت گرم ۽ وچولو رهڻ جو امڪان ظاهر ڪري ڇڏيو آهي. موسمياتي تجزيو ڪندڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

سعوديه کان پوءِ ڪيترائي ملڪ پاڪستان سان دفاعي معاهدو ڪرڻ چاهين ٿا: اسحاق ڊار

پاڪستان معرڪ حق ۾ پنهنجو پاڻ کي دفاعي طور تي ثابت ڪري ڇڏيو آهي

پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ ٿيل معاهدي ۾ ٻنهي ملڪن جو فائدو آهي

دبئي (م ڊ) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته سعودي کان پوءِ ڪيترائي ٻيا ملڪ پاڪستان سان دفاعي معاهدو ڪرڻ چاهين ٿا. لنڊن ۾ پاڪستاني هاءِ ڪميشن جي ٻاهران صحافين سان ڳالهين دوران اسحاق ڊار چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اولين ترجيح صوبي ۾ جاري منصوبن کي مڪمل ڪرڻ آهي: جام خان

صوبي ۾ هن وقت 3600 کان وڌيڪ منصوبا جاري آهن ۽ حڪومت انهن منصوبن کي مڪمل ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري رهي آهي

ڪراچي ۾ ڪلڪ پروجيڪٽ ٻه شامل آهي، ڪراچي ۾ وڏا منصوبا شروع ٿيڻ وارا آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي صوبائي وزير منصوبابندي ۽ ترقي ۽ آبپاشي جام خان شورو، پي اينڊ ڊي کاتي جي آفيسرن سان تعريفي ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: صوبائي وزير پلاننگ ۽ آبپاشي جام خان شورو پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ ۾ 59 سيڪڙو ٻارڙن جي ايڇ پي وي ويڪسينيشن مڪمل، مهم ۾ واڌ جو اعلان

ڊائريڪٽر اي پي آءِ سنڌ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسرز کي ايڇ پي وي ويڪسينيشن مهم جي ڪيچ اپ ڊيز جي حوالي سان هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن

مهم جي شروعاتي 12 ڏينهن جي دوران سموري صوبي ۾ 59 سيڪڙو ٻارڙن کي ويڪسين ڏني وئي

80 سيڪڙو کان گهٽ ڪوريج وارن اسڪولن ۾ ويڪسينيشن سيشن ٻيهر منعقد ڪيا ويندا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ ايڇ پي وي ويڪسينيشن مهم جي دوران وڌيڪ حدف حاصل ڪرڻ جي لاءِ صحت کاتي ڪيچ اپ ڊيز (مهم ۾ واڌ) جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. ڊائريڪٽر اي پي آءِ سنڌ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسرز کي ايڇ پ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

سرڪاري ملازمن جا پينشن ۽ ٻين مراعات سان لاڳاپيل مسئلا جلد ڪان جلد حل ڪيا ويندا: رياض شاه شيرازي

صوبائي وزير رياض حسين شاه شيرازي سنڌ ايمپلائيز الائنس ٺٽو پاران جاري علامتي بک هڙتال ۾ شرڪت ڪري سرڪاري ملازمن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو

پاڪستان پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ سنڌ سرڪار ملازمن جي مسئلن ۽ خدشن کان بخوبي واقف آهي

پيپلزپارٽي جي حڪومت ڪڏهن ٻه سرڪاري ملازمن سان ناانصافي نه ڪندي ۽ انهن جي جائز مطالبن کي سنجيدگي سان پورا ڪيا ويندا

ٺٽو (ه آ) صوبائي وزير اوقاف، مذهبي امور، زڪوات ۽ عشر سيد رياض حسين شاه شيرازي سنڌ ايمپلائيز الائنس ٺٽو پاران جاري علامتي بک هڙتال ۾ شرڪت ڪري سرڪاري ملازمن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي خطاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

تاريخ ۾ پاڪستان هٿان ڀارت کي رڳو خواري ۽ ناڪامي ملي آهي: نقوي جو مودي کي جواب

پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ (پي سي بي) جي چيئرمين ۽ ايشين ڪرڪيٽ ڪائونسل (اي سي سي) جي صدر محسن نقوي ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي کي سخت جواب ڏئي ڇڏيو

ڀارتي قيادت طرفان جنگ کي راند سان جوڙڻ کي مايوسي جي علامت آهي. اهڙو عمل راند جي اصل روح کي مجروح ڪري ٿو: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي

جيڪڏهن جنگ توهان جي فخر جو پيمانو آهي ته تاريخ ۾ ڀارت کي پاڪستان جي هٿان رڳو خواري ۽ ناڪامي ملي آهي ۽ ڪنهن ٻه ڪرڪيٽ ميچ جي نتيجي سان اها حقيقت تبديل نٿي ڪري سگهجي



نريندر مودي ۽ محسن نقوي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ (پي سي بي) جي چيئرمين ۽ ايشين ڪرڪيٽ ڪائونسل (اي سي سي) جي صدر محسن نقوي ڀارتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

عمران ۽ بشريٰ کي اڊيالا جيل ڪان منتقل ڪرڻ جا امڪان

توشه خانه ٽو ڪيس جي فيصلي کان پوءِ پي ٽي آءِ جي باني کي اڊيالا جيل مان منتقل ڪرڻ جو امڪان آهي

راولپنڊي جي قاسم مارڪيٽ علائقي ۾ هڪ خاص جيل تيار ڪيو ويو آهي

راولپنڊي (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي باني کي اڊيالا جيل مان منتقل ڪرڻ جو امڪان آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته توشه خانه ٽو ڪيس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ايف بي آر انڪم ٽيڪس گوشوارا جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ بابت اهم بيان جاري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو) فيڊرل بورڊ آف ريونيو (ايف بي آر) انڪم ٽيڪس گوشوارا جمع ڪرائڻ جي تاريخ ۾ واڌ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ايف بي آر ڪيو آهي ته سال 2025 ع لاءِ انڪم ٽيڪس ريٽرن جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 30 سيپٽمبر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي: وزير بلديات سنڌ سيد ناصر حسين شاه بلديات کاتي جي اجلاس جي صدارت ڪندي

شمع جونيجو معاملي تي وزيراعظم آفيس وضاحت ڪري: بيرسٽر عقيل ملڪ

جڏهن توهان ڪنهن وفد جو حصو هوندا آهيو ته باقاعده لسٽون تيار ٿين ٿيون ته ڪير ڳڏ ويندو

شمع جونيجو ماضي ۾ اسرائيل جي باري ۾ بيان موجود آهن، وزيراعظم آفيس کان وضاحت اچڻ گهرجي

اسلام آباد (بيورو) مملڪتي وزير بيرسٽر عقيل ملڪ چيو آهي ته وزيراعظم آفيس ڪان وضاحت اچڻ گهرجي، چو ته جڏهن توهان ڪنهن وفد جو حصو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

جوهري معاهدي جي ڀڃڪڙي جو الزام، يورپي يونين ايران تي ٻيهر پابنديون مڙهي ڇڏيون

ايران طرفان جوهري معاهدي جي لڳاتار ڀڃڪڙي ڪرڻ تي پابنديون مڙهيون ويون آهن، جن تحت ايران جي مرڪزي بئنڪ ۽ ٻين بئنڪن جا اثاثا منجمد ڪيا ويا آهن: يورپي يونين

مخصوص ايراني عملدارن تي سفري پابنديون ٻه لاڳو ڪيون ويون آهن، ايران جي ڪچي تيل جي خريداري ۽ ترسيل، سون ۽ ڪجهه سامونڊي سامان جي وڪري تي ٻه پابندي لڳائي وئي آهي

واضح رهي ته 27 سيپٽمبر تي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۾ 2015 ع جي جوهري معاهدي تحت ايران کي ڍل پابندين ۾ نرمي جي مدي ۾ واڌ جو ٺهراءُ منظور نه ٿي سگهيو هو

برسلز (م ڊ) يورپي يونين ايران تي جوهري معاهدي جي ڀڃڪڙي جا الزام هڻندي ٻيهر پابنديون لاڳو ڪري ڇڏيون. يورپي يونين طرفان جاري ڪيل بيان ۾ پابندين جي تصديق ڪندي چيو ويو آهي ته ايران طرفان جوهري معاهدي جي لڳاتار ڀڃڪڙي ڪرڻ تي پابنديون مڙهيون ويون آهن. جن تحت ايران جي مرڪزي بئنڪ ۽ ٻين بئنڪن جا اثاثا منجمد ڪيا ويا آهن. يورپي يونين چيو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

صوبائي وزير سعيد غني سان متحده عرب امارت جي قونصل جنرل جي ملاقات

ملاقات ۾ پاڪستان ۽ متحده عرب امارات جي وچ ۾ ٻه طرفي تعاون جي واڌ ويجهه بابت ڳالهه ٻولهه ٿي

صوبائي وزير سعيد غني پاڪستان ۽ متحده عرب امارات جي وچ ۾ ديرينه ڀائيواري لاڳاپن کي ساراهيو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي وزير محنت افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ سعيد غني، متحده عرب امارات جي قونصل جنرل ڊاڪٽر بخيت عتيق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

مشاهد حسين سيد طرفان پاڪستان ـ سعودي عرب دفاعي معاهدي تي ٿنڪ ٽئنڪ رپورٽ جاري

سينيٽر مشاهد حسين سيد پنهنجي ٿنڪ ٽئنڪ پاڪستان ـ چائنا انسٽيٽيوٽ جي ميزباني هيٺ پاڪ ـ سعودي دفاعي معاهدي جي اهميت ۽ اثرن بابت تيار ڪيل جامع تحقيقاتي رپورٽ جي رونمائي ڪئي

هن تاريخي دفاعي معاهدي جو سهرو ٻن اهم فيصلو ڪندڙ اڳواڻن، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ سعودي ولي عهد ۽ وزيراعظم محمد بن سلمان (ايم بي ايس) کي وڃي ٿو: سينيٽر مشاهد حسين

محمد بن سلمان وٽ اها صلاحيت آهي ته هو ڪنگ فيصل کان پوءِ سعودي عرب جو "سڀ کان اهم اڳواڻ" ثابت ٿي سگهي ٿو: رونمائي تقريب کي خطاب

اسلام آباد (بيورو) سينيٽر مشاهد حسين سيد پنهنجي ٿنڪ ٽئنڪ پاڪستان ـ چائنا انسٽيٽيوٽ جي ميزباني هيٺ پاڪستان ـ سعودي دفاعي معاهدي جي اهميت ۽ اثرن بابت تيار ڪيل جامع تحقيقاتي رپورٽ "پاڪستان ۽ سعودي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سنڌ حڪومت سرڪاري ملازمن جو معاشي قتل بند ڪري: اياز پليجو

پيپلزپارٽي ملازمن سان ڊبل پاليسي ڪيڏي رهي آهي، سنڌ حڪومت پينشن ۾ ڪٽوتي جا نوٽيفڪيشن جاري ڪري رهي آهي

بلاول همدردي جا ڪوڙا بيان ڀيو جاري ڪري، فوري طور تي سنڌ ايمپلائيز الائنس جا مطالبا منظور ڪري پينشن ۾ ڪٽوتي جو نوٽيفڪيشن واپس ورتو وڃي

حيدرآباد (پ ر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراه اياز لطيف پليجي سنڌ ايمپلائيز الائنس جي مطالبن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

علي امين جي اڊيالا جيل ۾ عمران خان سان 2 ڪلاڪ ڊگهي ملاقات

راولپنڊي (بيورو) راولپنڊي جي اڊيالا جيل ۾ ڪي پي ڪي جي وڏي وزير علي امين جي باني پي ٽي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

شيو سينا ڀارتي ٽيم پاران محسن نقوي کان ٽرافي نه وٺڻ کي "ڊرامو" قرار ڏئي ڇڏيو

10 ڏينهن اڳ ڀارتي ٽيم محسن نقوي سان هٿ ملايو، هاڻ چون ٿا ته ٽرافي کي هٿ نه لائينداسين: سنجي رت

نئين دهلي (م ڊ) ڀارت جي هندو انتهاپسند تنظيم شيوا سينا جي اڳواڻ سنجي رت مودي سرڪار تي تنقيد ڪندي چيو آهي ته محسن نقوي کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

چنيوٽ: وفاقي وزير قيصر احمد شيخ کلي ڪچهري دوران عوامي مسئلا ٻڌي رهيو آهي

پاڪستاني حڪمرانن جو تاريخي استقبال آمريڪي دوستي ۾ هڪ نئون باب کوليو آهي: شيخ امتياز حسين

آمريڪي صدر سان ملاقات کان پوءِ تاريخي ڳالهه ٻولهه امن ۽ خوشحالي لاءِ هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندي

وائيٽ هائوس ۾ ٿيل تاريخي ملاقات ذريعي ٻطرفي لاڳاپن ۾ نوان ۽ مضبوط رستا جوڙيا ويا آهن

هڪ مضبوط ۽ گهڻ رخي ڀائيواري معاشي ترقي جو سبب بڻجندي، ٽيڪنالاجي ۾ جدت ۽ ماڻهن کان ماڻهن جي رابطن کي فروغ ڏيڻ جا وسيع موقعا موجود آهن

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) آمريڪا ـ پاڪستان بزنس ڊولپمينٽ فورم جي صدر شيخ امتياز حسين چيو ته پاڪستاني حڪمرانن جو تاريخي استقبال آمريڪي دوستي ۾ هڪ نئون باب کوليو آهي. پاڪستان جي وزيراعظم ۽ وزيراعظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سماجي تحفظ اٿارٽي ۾ عوامي سهولتن جي فراهمي لاءِ وڌيڪ منصوبن کي شامل ڪيو ويندو: سعيد غني

سماجي تحفظ تحت ورلڊ بئنڪ ۽ ٻين جي تعاون سان هلندڙ "ممتا" پروجيڪٽ کي جلد ئي سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ ٻه متعارف ڪرايو ويندو

جلد ئي محنت، سماجي ڀلائي، صحت ۽ تعليم سميت سڀني وزارتن جا عوامي سهولتن وارا منصوبا هڪ ڇت هيٺ آڻي وڌ کان وڌ عوامي رليف لاءِ انهن کي وڏي پيماني تي وڌايو ويندو

اهڙو اظهار هن سماجي تحفظ واري وزارت جو چارج سنڀالڻ بعد مرڪزي آفيس ۾ بريفنگ دوران ظاهر ڪيو، ان موقعي تي حارث گڏدر خاص شرڪت ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وزير محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ سعيد غني چيو آهي ته سماجي تحفظ اٿارٽي ۾ عوامي سهولتن جي فراهمي لاءِ وڌيڪ منصوبن کي شامل ڪيو ويندو، جيئن سنڌ جي عوام کي وڌ کان وڌ رليف ڏنو وڃي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڊاڪٽر قادر مگسي پاران سرڪاري ملازمن جي احتجاج جي مڪمل حمايت

حڪمران اقتدار جي نشي ۾ انڌا، گونگا ۽ ٻوڙا بڻجي ويا آهن: ڊاڪٽر قادر مگسي

بي حس حڪمرانن کي هوش ۾ اچي فوري طور تي مسئلن جو حل ڳولڻ گهرجي

حيدرآباد (پ ر) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ سنڌ ۾ سرڪاري ملازمن جي هلندڙ احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

چين ۾ هڪ عدالت ميانمار ۾ "اسڪيم سينٽر" هلائڻ جي ڏوهه ۾ هڪ مافيا ڪٽنب جي 11 ڀاتين موت جي سزا ٻڌائي ڇڏي

بيجنگ (م ڊ) چين ۾ هڪ عدالت ميانمار ۾ "اسڪيم سينٽر" هلائڻ جي ڏوهه ۾ هڪ مافيا ڪٽنب جي 11 ڀاتين موت جي سزا ٻڌائي آهي. پرڏيهي خبررساں اداري موجب، چيني اختيارين جو چوڻ آهي ته ان ڪٽنب سان واسطو رکندڙ ڪيترائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي: صوبائي وزير سعيد غني گڏجاڻي جي صدارت ڪندي

چين جي اڳوڻي زراعت واري وزير تانگ رين جيان کي رشوت وٺڻ جي الزام ۾ جيلن صوبي جي عدالت موت جي سزا ٻڌائي

بيجنگ (م ڊ) چين جي اڳوڻي زراعت واري وزير تانگ رين جيان کي رشوت وٺڻ جي الزام ۾ جيلن صوبي جي عدالت موت جي سزا ٻڌائي، پر ان تي عملدرآمد 2 سال لاءِ معطل ڪيو ويو. تانگ رين جيان 2007 کان 2024 تائين مختلف/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي چيئرمين خلاف اينٽي ڪرپشن جاچ شروع ڪري ڇڏي

چيئرمين پرويز احمد پاران اختيارن جي ناجائز استعمال ۽ ڪرپشن سبب هزارين ٻار مفت ڪتابن کان محروم ٿيا، جاچ دوران انڪشاف

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن لاءِ ڇپرايل ڪتابن بابت پڻ معلومات طلب ڪئي وئي آهي

ڄامشورو (رپورٽر) سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄامشورو جي چيئرمين پرويز احمد پاران مبينا طور ارٻن جي ڪرپشن ڪرڻ تي اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

حيدرآباد: ريلوي اسٽيشن ويجهو سکر ايڪسپريس جون ٽريڪ تان لٿل بوگيون

چيئرمين ڪورنگي ٽائون محمد نعيم شيخ عوام کي بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون

چيئرمين ڪورنگي ٽائون، بلدياتي آفيسرن سان گڏجي يونين ڪائونسل 9، سيڪٽر 48 ـ F جي اندرين گهٽين ۾ پيور بلاڪ جي ڪم جو جائزو وٺڻ لاءِ دورو ڪيو

اسان عوام کي سندن در تي بلدياتي سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن. عوام جي سهولت لاءِ ترقياتي ڪمن جو جائزو پيو وٺجي: محمد نعيم شيخ

ان موقعي تي ڊائريڪٽر ايڊمن آصف احمد، ڊائريڪٽر سيڪيورٽي رحمت اقبال، پي ايس ـ 95 يوٿ اڳواڻ وقار لودهي، فوڪل پرسن ادريس شيخ ۽ ٻيا پڻ ساڻس گڏ موجود هئا

ڪراچي (رپورٽر) چيئرمين ڪورنگي ٽائون محمد نعيم شيخ عوام کي بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهيا آهن چيئرمين ڪورنگي ٽائون محمد نعيم شيخ، بلدياتي آفيسرن سان گڏجي يونين ڪائونسل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: چيئرمين ڪورنگي ٽائون محمد نعيم شيخ يوسي 9 ۾ هلندڙ پيور بلاڪ ڪم جو جائزو وٺندي

سکر کان ڪراچي ويندڙ سکر ايڪسپريس جون 3 بوگيون پٽڙي تان لهي ويون، مين ڊائون ٽريڪ بند

حيدرآباد ۾ سکر کان ڪراچي ويندڙ ريل سکر ايڪسپريس جون ٽي بوگيون پٽڙي کان لهي ويون، مين ڊائون ٽريڪ بند ٿي ويو، جنهن سبب ريلن جي آمد و رفت بند ٿي وئي

بوگين جي بحالي ۾ چار ڪلاڪ لڳندا، پنجاب کان ڪراچي ويندڙ 4 کان وڌيڪ ريل گاڏين کي مختلف اسٽيشنن تي روڪيو ويو: ريلوي انتظاميه

ياد رهي ته گذريل برسات جي ڪري ريلوي ٽريڪ پاڻي جي هيٺ اچي ويا هئا جنهن ڪري ريلوي ٽريڪ ڪمزور ٿي ويا آهن

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد ۾ سکر کان ڪراچي ويندڙ ريل سکر ايڪسپريس جون ٽي بوگيون پٽڙي کان لهي ويون، مين ڊائون ٽريڪ بند ٿي ويو، جنهن سبب ريلن جي آمد و رفت بند ٿي وئي. حادثو واري ٽائيم بوگين ۾ سوار مسافر برٿن تان ڪري پيا/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

ڏنءُ ڏنءُ ڏمڻ وار، اڄ پڻ اڳڙين جي:
ٻاري مچ مجاز جو، اوتيائون اڱارَ:
ڏوڏا! ٿيءِ مَ ڏارَ، جِمَ ڪچو رُڪُ ڪٽيُون ٿئي.



رابطي لاءِ:
03153327758

هيءَ اخبار پبلشر محمد حنيف ميمڻ قيوم پرنٽنگ پريس آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس ٽريڊ ٽاور روم نمبر 825 مان پڌري ڪئي

چيف ايڊيٽر حاجي حنيف ميمڻ

چيف ايگزيڪيوٽو
سيد شفقت حسين شاهه

جمهوري سوچ جي ترجمان
روزاني
Daily AWAMI SOCH KARACHI
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ

آچر 30 سيپٽمبر 2025ع

روزگار لاءِ پرامن احتجاج ڪندڙ ڏهرڪي جي نوجوانن تي پوليس جو وحشياڻو تشدد، سنڌ سرڪار نوٽيس وٺي

گهوٽڪي ضلعو تيل، گئس ۽ ٻين معدني وسيلن جي ذخيرن سان مالا مال آهي، پر افسوس ته مقامي ماڻهو خاص ڪري تعليم يافته نوجوان پنهنجي ئي ڌرتيءَ جي وسيلن مان روزگار جو حق حاصل ڪري نٿا سگهن. ماڙي انرجيز جهڙي وڏي ڪمپني ۾ آپرينٽس شپ ٽريننگ مڪمل ڪندڙ مقامي نوجوانن کي مستقل نوڪري ڏيڻ بجاءِ رڳو ڪوڙا واعدا ۽ مختصر عرصي لاءِ عارضي نوڪريون پيش ڪرڻ اصل ۾ سندن شعور ۽ جذبي سان ٺٺول آهي. جڏهن اهو ناانصافيءَ وارو سلسلو گهڻو اڳتي وڌي ويو ته نوجوان پرامن احتجاج ڪرڻ شروع ڪيو ته ضلعي انتظاميا ۽ پوليس سندن آواز ٻڌڻ بجاءِ طاقت استعمال ڪندي ڪين لٺين، ڏنڊن ۽ ڳوڙها آڻيندڙ گيس سان رتورت ۽ اڌ مئو ڪري ڇڏيو جيڪو عمل ڪنهن به مهذب سماج ۽ جمهوري ملڪ ۾ قبولڻ جوڳو نه آهي.

ماڙي انرجيز جي ڪوهه نمبر 6 تي احتجاج ڪندڙ نوجوانن خلاف جيڪا پوليس ڪارروائي ڪئي، اها نه رڳو بنيادي انساني حقن جي ڀڃڪڙي آهي، پر ان عمل مان واضح ٿئي ٿو ته ضلعي انتظاميا ۽ پوليس ڪمپني جي پڳهاردار بڻيل آهي، جنهن پرامن احتجاج ڪندڙ نوجوانن کي بدترين تشدد جو نشانو بڻائي ڪين گرفتار ڪري ورتو، جن جي ملاقات تي به پابندي لڳائي وئي، سندن ان عمل مان ظاهر ٿئي ٿو ته حڪومت ۽ انتظاميا پنهنجو غير قانوني عمل کي لڪائڻ چاهي ٿي.

سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته آخر ڏهرڪي جا تعليم يافته نوجوان، جيڪي جديد فني مهارتون سکڻ کان پوءِ نوڪريءَ جا اميدوار آهن، ڪين مستقل نوڪري ڏيڻ بجاءِ ڪوڙا دلاسا ڏنا وڃن ٿا؟ قانوني ۽ اصولي طور ماڙي انرجيز جهڙين ڪمپنين تي لازم آهي ته هو گهٽ ۾ گهٽ 80 سيڪڙو نوڪريون مقامي ماڻهن کي ڏين، پر حقيقت اها آهي ته صرف 5 کان 10 سيڪڙو مقامي ماڻهو مستقل نوڪرين تي آهن. باقي نوڪريون ڌارين ماڻهن کي ڏنيون وڃن ٿيون، جيڪي هيڊ آفيس ۾ ڀرتي ٿيڻ بعد ڏهرڪي فيلڊ ڏانهن بدلي ڪيا وڃن ٿا. اهو عمل مقامي ماڻهن سان ٿيو ظلم آهي، ڇاڪاڻ ته انهن کان روزگار ڦريو وڃي ٿو ۽ ٻيو ته سندن مستقبل کي بي يقينيءَ ۾ ڌڪيو وڃي ٿو. پوليس جو عمل انهيءَ ڪري به مذمت لائق آهي جو پرامن احتجاج ڪندڙ نوجوانن سان ڳالهيون ڪرڻ بدران ڪين تشدد جو نشانو بڻايو ويو. ڳوڙها آڻيندڙ گيس جا شيل فائر ڪرڻ، لٺبازي ڪرڻ ۽ سندن اڳواڻن کي گرفتار ڪرڻ سان مسئلو حل نٿو ٿي سگهي، بلڪ وڌيڪ شدت اختيار ڪري ٿو. ماڙي انرجيز ۽ ضلعي انتظاميا جو هي رويو علائقي ۾ بي چيني، بي اعتمادي ۽ نفرت پيدا ڪري رهيو آهي. ساڳئي وقت، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن جي حراست به ظاهر ڪري ٿي ته حڪومت ۽ انتظاميا ڪنهن به مخالف آواز کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ ميان محمد اسلم قادري ۽ ايس ٽي پي اڳواڻ ڄام فتاح سميجي سان جيڪو سلوڪ ٿيو اهو جمهوري قدرن جي بلڪل ئي خلاف، پوليس گردي ۽ خانگي ڪمپني جي بدمعاشي آهي. جنهن مقامي ماڻهن کي هيسائڻ لاءِ نه رڳو طاقت ورادارن جا رٽائرڊ ملازم ڀرتي ڪري رکيا آهن، پر اهي مقامي بااثر قبيلائي سردارن کي به پنهنجو سهولتڪار بڻائي ڇڏيو آهي، جنهن مان هڪ سردار ڪجهه ڏينهن پهريان احتجاجي ڪئمپ تي وينل هڪ شاگرد کي چماٽ وهائي ڪڍي هئي.

ڏهرڪي تعلقي جي ڀرواري تعلقي اوٻاوڙي ۾ ٽي شگر ملون اڳ ۾ ئي هلي رهيون آهن ۽ هڪ نئين شگر مل جو تعميراتي ڪم به تيزي سان جاري آهي، پر افسوس جو انهن سڀني ملن ۾ مقامي ماڻهن کي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو. جيئن ته اوٻاوڙي جو علائقو پنجاب سان لڳولڳ آهي، تنهن ڪري رحيم يار خان ضلعي جي مختلف شهرن مان بسون ڀري ٽي شفٽن ۾ مزدور آندا وڃن ٿا ۽ شفٽ ختم ٿيڻ تي وري ساڳين بسن ذريعي واپس موڪليا وڃن ٿا. ائين ڪرڻ سان ملن کي يقيناً واڌو خرچ برداشت ڪرڻو پوي ٿو پر ان باوجود به اهي ويجهو ڳوٺن وارن مقامي ماڻهن کي روزگار ڏيڻ لاءِ تيار ناهن، جيڪو مقامي بي روزگارن سان وڏي ناانصافي آهي.

حڪومت ۽ ماڙي انرجيز جا ذميوار فوري طور تي گرفتار ٿيل نوجوانن کي آزاد ڪن ۽ سندن جائز مطالبن تي سنجيدگيءَ سان عمل ڪن. مقامي ماڻهن کي مستقل نوڪريون ڏيڻ سندن قانوني ۽ اخلاقي ذميواري آهي، جنهن کان پڇڻ نه صرف بدديانتي آهي پر مستقبل ۾ وڌيڪ تڪرار ۽ احتجاج کي جنم ڏيندو. انتظاميا کي ياد رکڻ گهرجي ته احتجاج کي طاقت سان ختم ڪرڻ سان مسئلا ختم نٿا ٿين، بلڪ حالتون وڌيڪ گهمبير ٿي وينديون ۽ احتجاج جو دائرو ضلعي ۽ سنڌ سطح تائين به پهچي سگهي ٿو ان لاءِ پنهنجي حقن ۽ روزگار لاءِ احتجاج ڪندڙ ڏهرڪي جي نوجوانن جا مسئلا بنا دير حل ڪري حالتن کي وڌيڪ خراب ٿيڻ نه ڏنو وڃي ۽ ان سلسلي ۾ سنڌ حڪومت کي مداخلت ڪري پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته سنڌ جي ماڻهن ئي روزگار ڏيڻ سندن ذميواري آهي. ماڙي انرجيز جهڙين ڪمپنين کان قانون تي عمل ڪرائي، مقامي ماڻهن کي سندن حق ڏئي. جيڪڏهن حڪومت پاڻ به خاموش تماشائي بڻيل رهي ته پوءِ عوام جو اعتماد حڪومت تان ختم ٿي ويندو، جيڪو ڪنهن به سياسي پارٽي لاءِ سڀ کان وڏو نقصان هوندو آهي ۽ عوام پنهنجو انتقام چونڊن دوران وٺندو آهي.

ڇا آمريڪا جي دوستي ملڪ لاءِ پائيدار ٿيندي؟

اعجاز ممنائي

اها خوشي جي ڳالهه آهي ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پنهنجي اوول آفيس ۾ وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل جنرل عاصم منير سان ڏيڍ ڪلاڪ تائين ملاقات ڪئي. ان کان اڳ جڏهن هو ٻنهي شخصيتن جو انتظار ڪري رهيو هو ته هن اتي ميڊيا جي نمائندن کي ٻڌايو ته اڄ به عظيم اڳواڻ ملڻ لاءِ اچي رهيا آهن، جن مان هڪ پاڪستان جو وزيراعظم آهي ۽ ٻيو فيلڊ مارشل آرمي چيف آهي، ٻئي عظيم اڳواڻ آهن. هن ملاقات ۾ وزيراعظم شهباز شريف، آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ کي امن جو علمبردار قرار ڏئي ڇڏيو ۽ چيو ته ڊونلڊ ٽرمپ سڄي دنيا ۾ تڪرارن جي خاتمي لاءِ مخلص ڪوششن ۾ مصروف آهي. شهباز شريف ، آمريڪي صدر جي جرئتمنداڻي، دليراڻي ۽ فيصلاڻي قيادت جي واکاڻ ڪئي ۽ مسلم اڳواڻن کي اعتماد ۾ وٺڻ تي ٽرمپ جو ٿورو مڃيو ۽ چيو ته آمريڪي صدر پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ جنگبندي ۾ سهولت فراهم ڪئي هن ملاقات ۾ اهو به چيو ويو ته واپار، دهشتگرديءَ جي خاتمي ۽ باهمي لاڳاپن کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ تي اتفاق ڪيو ويو آهي. هاڻي سوال اهو آهي ته ڇا اسان صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي گرمجوشي ۽ سندس چيل لفظن جو جشن ملهائي سگهون ٿا. يا اهو چئون ته پاڪستان امريڪا جو گهاٽو دوست ٿي چڪو آهي انڪري آمريڪا اسان سان پنهنجا لاڳاپا تيزي سان وڌائي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ جڏهن ڊونلڊ ٽرمپ سڄي دنيا کي ناراض ڪيو ويٺو آهي ۽ هر ملڪ کي پنهنجي مرضيءَ مطابق هلائڻ چاهي ٿو، برازيل جي صدر کي به اهوچوڻو پيو آهي ته ٽرمپ آمريڪا جو صدر آهي ۽ ڪيس سڄي دنيا جو صدر بڻجڻ جي ڪوشش نه ڪرڻ گهرجي، اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن ڊونلڊ ٽرمپ اسان جو خيراتي ڪردار بڻجڻ وارو آهي ته پوءِ ڇا ڪيس وزيراعظم شهباز شريف ۽ آرمي چيف جنرل عاصم منير جو ڪو خاص ڪردار پسند آهي؟ پروفيسر خالد حميد خان مطابق صدر ايوب کي صدر، ضياءُ الحق کي نڪسن، ۽ پرويز مشرف کي جارج بش ساڳئي گرمجوشي سان سلام ڪيو جيئن صدر ڊونلڊ ٽرمپ اسان جي وزيراعظم ۽ آرمي چيف جو استقبال ڪيو هو. صدر ايوب، ضياءُ الحق ۽ پرويز مشرف کي آمريڪا کان ڇا مليو؟ ڇا انهن پاڪستان کي آمريڪي ارادن مطابق هلايو يا ان جي معاشي ۽ دفاعي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو. هر ڀيري آمريڪا خطي ۾ پنهنجن مفادن کي پورو ڪرڻ لاءِ پاڪستان جي پٺيءَ تي هٿ رکيو آهي. ان جو نتيجو ڇا نڪتو آهي اهو سڀ سڀني جي سامهون آهي جو اسان مسئلن جي دلدل ۾ ڦاٿل رهيا آهيون. اسان دهشتگرديءَ جو نشانو بڻيل رهياسين، منشيات جي پناهه گاهه بڻجي ويا آهيون ۽ قرضن ۾ ديبل رهيا آهيون جنهن مان اسان کي ڪڏهن به نڪرڻ جو موقعو نه مليو آهي. توهان هڪ عام پاڪستاني کان پڇو ته ڇا آمريڪا جي دوستي تي اعتبار ڪري سگهجي ٿو ته هو پنهنجي ڪنن تي هٿ وجهي توبهه توبهه ڪندو رهندو، اڄ کان ڪئي سال اڳ امام خميني رح واضح چيو هو ته آمريڪا جي دوستي، آمريڪا جي دشمنيءَ کان وڌيڪ خطرناڪ ۽ ذلت آميز آهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته غلط نه ٿيندو ته آمريڪا جنهن کي ختم ڪرڻ چاهيندو آهي ان سان دوستي رکندو آهي. عراقي صدر صدام حسين جو حشر اسانجي سامهون آهي اسامه بن لادن کي پوري دنيا ۾ ذلت جو طوق پارائي افغانستان کي ٽارگيٽ بڻايائين ۽ پاڪستان کي استعمال ڪيائين اڄ اسان کي اهو سوچي خوشي ٿي رهي آهي ته ڊونلڊ ٽرمپ ٽيرف لاڳو ڪري هندستان جو مذاق اڏائي رهيو آهي. هو تازي جنگ ۾ پاڪستان جي برتري جي تعريف ڪري رهيو آهي. هو مودي کي ملاقات جو وقت نه ڏئي رهيو آهي جڏهن ته پاڪستان جي وزيراعظم جو ڪليل دل سان استقبال ڪري رهيو آهي. ڪجهه ته راز آهي، ٻي صورت ۾ اهو ڊونلڊ ٽرمپ آهي جنهن سڄي دنيا کي آمريڪي مفادن لاءِ ٽرپل ڊانس ناچ تي مجبور ڪيو آهي، ڪو به ملڪ سندس شر کان محفوظ ناهي عربن کان ٽريلين ڊالر وٺڻ کان پوءِ به، اهي انهن کي ڌمڪيون ڏين ٿا ته توهان جي طاقت اسان کان سواءِ هفتا به نه رهي سگهي، اهي بگرام ايئر بيس ڇڏي چڪا آهن جيڪو اهي پاڻ ڇڏي ويا آهن، هاڻي اهي افغان حڪومت تي دٻاءُ وجهي رهيا آهن ته ان کي واپس وٺي. وچ اوڀر جي حوالي سان ڪيترا منصوبا آهن ۽ ڪيترا پنهنجي آخري حدن تائين پهچي رهيا آهن؟ ڇا بگرام نارٿ کي چين، روس ۽ هندستان تي نظر رکڻ جي ضرورت آهي يا ڪو ٻيو منصوبو آهي؟ ايران کي ڪنٽرول ۾ رکڻ لاءِ ڪا حڪمت عملي ٺاهڻ گهرجي. مثال طور، ڊونلڊ ٽرمپ دعويٰ ڪري ٿو ته ايران جو ايٽمي پروگرام مڪمل طور تي تباهه ٿي چڪو آهي، پر ايران ان کي تسليم نٿو ڪري، ۽ ايران جو ميزائل سسٽم، جنهن اسرائيل کي تازو ماضي ۾ گوڏن ڀر ڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي، مڪمل طور تي فعال ۽ برقرار آهي. اسانجي پاڙيسري ملڪ ۾ ان جي طاقت ۽ موجودگي کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. مختصر ته اهڙا بيشمار شعبا آهن جن ۾ آمريڪا ڦاسي پيو آهي. توهان ٿورو سوچيو ته سڀ حقيقتون سمجهي ويندو. آمريڪا وٽ پاڪستان کان سواءِ ڪو ٻيو ملڪ ناهي جيڪو هن خطي ۾ پير رکي سگهي. ايران ان جي پهچ کان ٻاهر آهي، طالبان ان جي ڪنٽرول ۾ نه آهن، هندستان جي پنهنجي خاص پرڏيهي پاليسي آهي، ان جي معيشت پڻ مضبوط آهي ۽ اهو هڪ وڏو انساني مارڪيٽ پڻ آهي. تنهن ڪري، ان کي روسي ڪئمپ مان ڪڍي آمريڪي ڪئمپ ۾ آڻڻ آسان ناهي. اهڙي صورتحال ۾، پاڪستان واحد ملڪ آهي جيڪو جاگرافيائي طور تي اهم آهي ۽ وچ اوڀر ۾ ان جو اثر آهي جيڪو افغان طالبان کي قائل ڪري سگهي ٿو، جن جي حڪومت ۽ ادارا پڻ آمريڪا لاءِ نرم گوشو رکن ٿا. هاڻي سوال اهو آهي ته، ڇا هي پهريون ڀيرو آهي جو اسان آمريڪا لاءِ هڪ لازمي ملڪ بڻجي ويا آهيون؟ نه، نه، هي پهريون ڀيرو ناهي. آمريڪا هن سڄي ايشيائي علائقي ۾ گهمي ڦري پوءِ اسان وٽ اچي ٿو پر افسوس جي ڳالهه اها آهي ته اسان هر ڀيري اکيون ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري هڪ بادشاهه جي حيثيت به ڏنو آهي هو اسان تي غلام سمجهي حڪم هلائيندو رهيو آهي ڪنهن کي ياد هجي ته ان ساڳي آمريڪا چيو هو ته پاڪستاني پئسن خاطر پنهنجي ماءُ کي به ڪپائي سگهن ٿا جيڪا وڏي گار هئي پر اسان سبق نه سکيو ۽ وري به ان ساڳئي ملڪ اڳيان گوڏا وجهي ڪوڙيا جيڪو اندروني طور ڪوکلو بڻيل آهي هو عربن کان امداد وٺڻ تي آماده هو پر عرب ملڪن خوف ۾ اچي ڪيس پنهنجون ملڪيتون ڏئي ڇڏيون. بهرحال ضياءُ الحق سوويت يونين جي خلاف پاڪستان کي سستي ۾ پيش ڪيو ۽ پرويز مشرف آمريڪا کي طالبان جي خلاف پنهنجا اڏا ڏنا. ٻنهي صورتن ۾، پاڪستان کي تمام گهڻو نقصان برداشت ڪرڻو پيو. دهشتگردي اسان جي شهرن ۽ ڳوٺن تائين پهتي ۽ هزارين پاڪستاني شهادت جو جام پي ويا ۽ اسانجو سرمايو ماريو ويو. جڏهن آمريڪا ٽڪجي پوڻ کان پوءِ افغانستان ڇڏڻ تي مجبور ٿيو، تڏهن هن پاڪستان ڏانهن پوئتي به نه ڏٺو. ڪا به آمريڪي امداد اسان وٽ نه آئي، پر اسان آءِ ايم ايف جي چنگل ۾ ڦاسي پياسين. ايتري تائين جو اسانجي ملڪ جون بجيٽون به آئي ايم ايف اي جي زير نگراني ٺهڻ لڳيون جنهنجو اعتراف خود وزيراعظم شهباز شريف ڪيو اڄ قرض جو بار اسان لاءِ اهڙو مسئلو بڻجي ويو آهي ۽ ڏينگون ڏينهن غربت وڌي رهي آهي. ڊونلڊ ٽرمپ جا چِٽا لفظ اسان جي ڪنهن به مسئلي کي حل نه ڪندا. اسان کي ڪليل ڳالهائڻو پوندو. جيڪڏهن پارليامينٽ کي هن حوالي سان وچ ۾ رکيو وڃي ته پاڪستان جي مفادن کي يقيني بڻائي سگهجي ٿو پر جيڪڏهن واحد مقصد اهو آهي ته آمريڪا موجوده سيٽ اپ جي حمايت ڪري ۽ بدلي ۾ جيڪو چاهي اهو ڪري، ته اها هڪ وڏي بدقسمتي هوندي. قومي مفاد کي اڳيان رکڻ کانسواءِ تاريخ جو رخ تبديل نٿو ڪري سگهجي. اسان جي ڪمزورين کي ختم ڪرڻ کانسواءِ ڪنهن به وڏي هاٿيءَ کي ڪنٽرول نٿو ڪري سگهجي. ملڪ ۾ جمهوريت ۽ مضبوط ادارا بنيادي ضرورتون هوندا آهن. هن وقت بلوچستان، خيبر پختونخواهه ۽ آزاد ڪشمير جي صورتحال فوري ڌيان جي گهرجائو آهي. صرف رياستي طاقت ڪنهن به مسئلي جو حل ناهي. ذاتي ۽ قومي مفادن ۾ فرق ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. هن وقت، جيڪڏهن آمريڪا کي اسان جي ضرورت آهي، ته پوءِ ان جا مطالبا هڪ پليٽ فارم تي پيش نه ڪرڻ گهرجن. پاڪستان جي قومي مفادن جو تحفظ پهرين ترجيح هجڻ گهرجي، هاڻي اسان وڌيڪ نقصان برداشت نٿا ڪري سگهون.

❋❋❋❋❋

پاڪستان سعودي دفاعي معاهدو: نئين عالمي نظام جي تناظر ۾

ندیم اختر

تاريخ جڏهن پنهنجي ارتقائي عمل ۾ ڪنهن خاص موڙ تي پهچندي آهي، تڏهن اڪثر اهڙا حيرت انگيز معجزا جنم وٺندا آهن، جيڪي انساني ذهن کي حيران ڪري ڇڏيندا آهن. ڪنهن سوچيو هو ته رومي سلطنت جي زوال کان پوءِ يورپ صديون تاريڪيءَ ۾ ڀٽڪندو رهندو. ڪنهن جي به وهم ۽ گمان ۾ نه هوندو ته پندرهين ۽ سورهين صديءَ ۾ ڇاپي واري مشين جي ايجاد سان پيدا ٿيندڙ علمي، فڪري ۽ سائنسي انقلاب يورپ کي ان تاريڪيءَ مان روشنيءَ ڏانهن ڪڍي ويندو. ڪير خيال ڪري سگهيو ته صنعتي انقلاب يورپ کي اهڙي بلنديءَ تي ڪڍي ويندو، جتي سڄي دنيا ان جي فرمانبردار ٿي ويندي. ڪنهن کي خبر هئي ته چند صدين بعد ٻه عالمي جنگون يورپ جي ٻيهر زوال جو سبب بڻبيون، سندس تسلط ختم ٿيندو ۽ دنيا تي آمريڪا جي ڊگهي حڪمراني شروع ٿيندي. اهي سڀ حقيقتون جيڪڏهن معجزا نه آهن ته ٻيو انهن لاءِ ڪهڙو عنوان ڏجي؟

هاڻي ايڪويهين صديءَ ۾ به تاريخ جي ارتقائي عمل جو هڪ نئون معجزو جنم وٺي چڪو آهي. جديد ٽيڪنالاجيءَ جي انقلاب دنيا کي هڪ اهڙي دور ۾ آندو آهي، جيڪو ماضي کان مڪمل طور مختلف ۽ بي مثال آهي. اهو ترقي پذير ملڪن جي معاشي عروج ۽ آمريڪا ۽ يورپ جي معاشي زوال جو دور آهي، جنهن جون پنهنجون پيچيدگيون ۽ تضاد آهن. ماضيءَ جي صنعتي دور ۾ وڏن وڏن ڪارخانن ۾ هزارين مزدور ڪم ڪندا هئا. طلب ۽ رسد ۾ اهڙو تفاوت هو، جو مزدورن کي گهٽ ۾ گهٽ اجرت ملندي هئي ۽ ٿوري واڌ لاءِ به ڪين ڊگهي جدوجهد ۽ قربان ڏيڻي پوندي هئي.

گذريل ڪجهه ڏهاڪن ۾ ٽيڪنالاجيءَ جي انقلاب انهيءَ سڄي نظام کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. مزدورن جي جاءِ هاڻي روبوٽ ۽ مصنوعي ذهانت وٺي رهي آهي. ٿوري جاءِ تي وڏي پيماني تي شين جي پيداوار ٿي رهي آهي. هاڻي صارف غلام نه رهيو آهي پر حڪمران بڻجي ويو آهي. وڏيون ملٽي نيشنل ڪمپنيون هر هنڌ ان جي خوشامد ڪندي نظر اچن ٿيون. ترقي پذير ملڪن ۾ پيداوار جي لاڳت گهٽ هجڻ ڪري هن انقلاب جو سڀ کان وڏو فائدو به انهن ملڪن کي ملي رهيو آهي. آمريڪا ۽ يورپ جون صنعتون بند ٿي رهيون آهن، مزدور بيروزگار ٿي رهيا آهن، واپار ۽ بجيٽ جا خسارا قابو کان ٻاهر آهن ۽ قرضن جو بار ناقابل برداشت بڻجي رهيو آهي. انهن سڀني سببن جي ڪري ٻي عالمي جنگ کان پوءِ ٺاهيل مالي، سياسي ۽ سلامتيءَ واري نظام ۾ ڏار پئجي رهيا آهن. آمريڪا کي سڀ کان وڌيڪ خبر آهي ته هاڻي هڪ اهڙي عالمي نظام جي ضرورت آهي، جيڪو ترقي يافته ملڪن ۽ اڀرندڙ معيشتن جي وچ ۾ توازن قائم ڪري سگهي. ان ئي پسمنظر ۾ آمريڪي مخالفت باوجود نيون مالي ۽ تجارتي تنظيمون سامهون آيون آهن.

صدر ٽرمپ جي ترجيح آهي ته تجارتي گهوٽالو گهٽجي ۽ آمريڪا ۾ سيڙپڪاري وڌي. هو هاڻي يورپ ۽ خليج سميت ٻين ملڪن کي مفت ۾ دفاعي ڇت فراهم ڪرڻ نٿو چاهي. هو ناٽو ۾ شامل ملڪن کي به چئي چڪو آهي ته پنهنجن سلامتيءَ جي خرچن جو بار پاڻ کڻن. فرانس جيڪو ايٽمي طاقت رکندڙ ملڪ آهي، يورپي يونين کي دفاعي تحفظ ڏيڻ جي آڇ ڪئي آهي. انڊو پيسفڪ خطي ۾ چين جي اثر کي روڪڻ لاءِ آمريڪا، جاپان، آسٽريليا ۽ ڀارت سان ڳڏجي ڪواڊ (QUAD) ناهي هئي، پر هاڻي ان ۾ به سندس دلچسپي گهٽجي رهي آهي. قطر تي اسرائيلي حملي جو پيغام به اهوئي هو ته عرب ملڪ "ابراهم اڪارڊ" کي تسليم ڪن، يا پنهنجو تحفظ پاڻ ڪن. نتيجي طور هڪ قطبي نظام بدران هاڻي دفاعي اتحاد وجود ۾ اچي رهيا آهن. پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ ٿيل دفاعي معاهدو به اهڙي ئي پسمنظر ۾ ڏسڻ گهرجي. هي معاهدو ڪنهن ملڪ جي خلاف ناهي. سعودي عرب جا آمريڪا سان بهترين لاڳاپا آهن. جيڪڏهن ايران ۽ اسرائيل جي جنگ نه ٿئي ها ته سعودي عرب ۽ اسرائيل جا لاڳاپا اڳتي وڌي چڪا هجن ها. پر سعودي عرب لاءِ سڀ کان وڏو خطرو اسرائيل نه پر يمن آهي. يمن جا حوثي اڳ ئي رياض ۽ تيل جي تنصيبات تي ميزائل ۽ ڊرون حملا ڪري چڪا آهن. هو بحيره احمر مان گذرندڙ اسرائيل ويندڙ ۽ ايندڙ جهازن کي نشانو بڻائين ٿا، جنهن سان جهازن جي آمدرفت ۾ ويهه سيڪڙو گهٽتائي ٿي آهي. حوثي ابوظبي ۾ آمريڪي اڏي تي به ميزائل حملو ڪري چڪا آهن. حماس، حزب الله ۽ حوثي ايران جي مدد سان سرگرم آهن. ۽ ايران سعودي وچ ۾ برتريءَ ۽ مسلڪي اختلاف سبب ڊگهي عرصي کان ڇڪتاڻ رهي آهي.

اسلامي انقلاب کان پوءِ ايران سعودي کي آمريڪا جو ايجنٽ سڏيو. هڪ وقت اهڙو به آيو جو ٻنهي جا سفارتي لاڳاپا ٽٽڻ بعد 2023 ۾ چين جي مداخلت سان ٻيهر بحال ٿيا. عراق ۽ قطر سان به سعودي جا لاڳاپا خراب رهيا آهن. جيڪڏهن آمريڪا پنهنجن مالي مسئلن سبب خليج کان هٿ نه ڪڍي ها ته سعودي عرب کي پاڪستان سان دفاعي معاهدي جي ضرورت محسوس نه ٿئي ها. سعودي ولي عهد پنهنجي ملڪ کي تيل جي انحصار مان ڪڍي هڪ جديد صنعتي، تجارتي ۽ سياحتي رياست بڻائڻ چاهي ٿو. هو آمريڪا ۽ ڀارت سميت هر ملڪ ۾ سيڙپڪاريءَ جا موقعا ڳولي رهيو آهي. آمريڪا سان سعودي جو واپاري حجم 39.5 ارب ڊالر ۽ ڀارت سان 40 ارب ڊالر آهي. هو ٻنهي ملڪن ۾ سوين ارب ڊالر سيڙپ ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو. هاڻوڪو سعودي عرب ڪاروبار جي معاملي ۾ مذهب يا مسلڪ نه پر منافعي کي ترجيح ڏئي ٿو.

پاڪستان سان ٿيندڙ دفاعي معاهدو سعودي عرب کي انهن ملڪن کان تحفظ ڏئي ٿو، جيڪي ان لاءِ تاريخي دشمني رکن ٿا. هي معاهدو ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن ۾ نئين گرمي پيدا ڪري ٿو، جنهن کي پاڪستان معاشي تعاون ۾ تبديل ڪري سگهي ٿو. پر ياد رهي ته چين به سي پيڪ ذريعي اسان کي ترقيءَ جو وڏو موقعو ڏنو هو، جنهن مان اسان پورو فائدو نه ڪڻي سگهيا ۽ چين کي مايوس ڪيو. هاڻي سعودي عرب سيڙپڪاريءَ لاءِ تيار آهي، ان مان فائدو وٺڻ لاءِ سياسي بصيرت، استحڪام، صوبن ۾ اتفاق ۽ پارليامينٽ جي دانش کان رهنمائي ضروري آهي. سي پيڪ ۾ اهي عنصر گڏ ڪرڻ ۾ ناڪام رهڻ کان پوءِ هاڻي اميد ڪئي وڃي ٿي ته مستقبل ۾ اهڙي غلطي نه ورجائبي.

بقايا 01

۾ ٿي هئي. اڄ به تاريخي اهميت رکي ٿي. ساڳي سال بدين، پيرولاشاري، تلهار، پل ڏندو ۽ ماتلي سميت ٻين اسٽيشنن تي به 1908ع وارو تعميري بورڊ لڳايو ويو هو. جڏهن ته ريلوي ٽريڪ جي مڪمل ٿيڻ جي تاريخ به 1908ع ٻڌائي وڃي ٿي. هي ريلوي سروس لڳ ڀڳ 2001ع ۾ بند ٿي وئي، جنهن کي 2008ع ۾ ان وقت جي قائم مقام صدر پاڪستان ڊاڪٽر فهميده مرزا ٻيهر بحال ڪرايو هو. هفتي ۾ هڪ يا ٻه ڀيرا ڪوٽڙي کان بدين تائين ريل گاڏي هلڻ لڳي، جيڪا 2021ع تائين جاري رهي، پر 2021ع ۾ لاڪ ڊائون سبب هي سروس مڪمل طور تي بند ٿي وئي ۽ اڄ تائين ٻيهر بحال نه ٿي سگهي آهي. هن علائقي جي ماڻهن - اعجاز چانگ، قادر بخش جوٽيجو، انور علي ۽ ٻين - جو چوڻ آهي ته هي ريلوي سروس مسافرن ۽ ڪاروباري ماڻهن لاءِ وڏيون سهولتون فراهم ڪري رهي هئي، پر بدقسمتي سان حڪومت جي بي ڌياني سبب اسٽيشن، گودام ۽ ريلوي ڪوارٽرز به مسمار ٿي برباد ٿيڻ لڳا آهن. هنن ريلوي سروس جي فوري بحالي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 02

ٽنڊو جان محمد ۽ ڊي ايس جهڏو تي مقرر ايس ايڇ اوز، هيڊ انسپيڪٽرن، پوليس ڪانسٽيبلن ۽ ليڊي ڪانسٽيبلن کي دعوت ڏني وئي. ان موقعي تي، انهن کي انهن جي خدمتن ۽ بهترين ڪارڪردگي جي تعريف ۾ تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. ان موقعي تي، ڊي ايس پي جهڏو خدا بخش ٽيبو پڻ ايس ايس پي ميرپورخاص سان گڏ تقريب ۾ موجود هو. هن تقريب جو مقصد پوليس اهلڪارن جو حوصلو وڌائڻ ۽ انهن جي اڻٿڪ محنت کي اجاگر ڪرڻ هو. ان موقعي تي ايس ايس پي ڊاڪٽر سمير نور چنا چيو ته: "پوليس اهلڪار ماڻهن جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهيا آهن. ۽ ساڳئي طرح، ليڊي پوليس ڪانسٽيبل پڻ انهن سان گڏ بيٺيون آهن ۽ وڏي جذبي ۽ ذميواري سان پنهنجو فرض ادا ڪري رهيون آهن. اهي پوليس اهلڪار ۽ ليڊي ڪانسٽيبل اسان جو فخر آهن." ان موقعي تي، پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن ايس ايس پي ميرپور خاص جو شڪريو ادا ڪيو ۽ ان عزم جو اظهار ڪيو ته اهي مستقبل ۾ به ساڳئي لگن، ايمانداري ۽ جذبي سان پنهنجون ذميواريون نڀائيندا رهندا.

بقايا 03

پيش ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي پاڪستان ڪولهي اتحاد جي چيئرمين لالچند ڪولهي، ڪولهي اسٽوڊنٽس ايسوسيئيشن جي مرڪزي صدر ڪامريڊ پريم راٺوڙ ڪولهي، ناليواري لکيڪ محب ڀيل، ڪبير ڀيل، سائين ديودت ڪولهي، جياونتي ڪولهي، پرٿوي راج ڪولهي، رميش ڪمار ڪولهي، راجا سوٿهر، ڪيمپالداس ڪولهي، ڊاڪٽر چيتن ڪولهي، نيمداس ڪولهي ۽ ٻين چيو ته پارو مل ڪولهي هڪ اهڙو ناليوارو نالو آهي جنهن پنهنجي سڄي زندگي تعليم، ادب، سياست ۽ سماجي خدمتن لاءِ وقف ڪئي. اڳواڻن چيو ته پارو مل ڪولهي جي فڪري ۽ ادبي خدمتن کي زنده رکڻ لاءِ حڪومت کي قدم کڻڻ گهرجن. هنن مطالبو ڪيو ته پارو مل ڪولهي جي نالي تي يادگار، ميوزيم يا ادبي ثقافتي هال قائم ڪيو وڃي، ڪنهن اسڪول يا ڪاليج کي سندس نالي سان منسوب ڪيو وڃي. شاگردن لاءِ اسڪالرشپ پروگرام شروع ڪيو وڃي سندس لکڻيون ڇپائي نئين نسل تائين پهچايون وڃن. سنڌي ادبي بورڊ پاران هر سال "پارو مل ايوارڊ" ڏنو وڃي، ڪيس سرڪاري سطح تي "سنڌ رتن" يا "قومي هيرو" جي حيثيت سان مڃتا ڏني وڃي ۽ سنڌ اسيمبلي ۽ قومي اسيمبلي ۾ قرارداد ذريعي خراج عقيدت پيش ڪيو وڃي. ورسي تقريب ۾ پارو مل ڪولهي جي علمي، ادبي ۽ سياسي خدمتن تي مقالا پڙهيا ويا ۽ هن جي شخصيت کي سنڌ جي لاءِ هڪ روشن مثال قرار ڏنو ويو ورسي جي آخر ۾ آيل مهمانن لاءِ ماني جو بندوبست پڻ ڪيو ويو هو

بقايا 04

منعقد ڪئي وئي. تقريب ۾ خاص مهمان طور پاڪستان پيپلزپارٽيءَ تعلقه صدر حاجي محمد رفيق پرڳڙي، سٽي چيئرمين سيٺ علي حسن خان قائم خاني، اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽ غلام محمد، پيپلزپارٽي اڳواڻ حاجي الله رکيو دل ۽ ڊسيبيلڊ ويلفيئر ايسوسيئيشن جا اڳواڻ شرڪت ڪئي. مهمانن پاران بيريسٽر حمزه خان جي آمد تي شڪريا ادا ڪيو ويو معاشري جي محروم طبقي جي مدد ڪرڻ سماجي ذميواري آهي. ۽ اهڙا قدم ٻين لاءِ به مشعل راهه هجڻ گهرجن. تقريب دوران مستحق ماڻهن کي وئيل چيئرز تقسيم ڪيون ويون. جڏهن ته معذور ماڻهن ۽ انهن جي وارثن پاران انتظامن تي اطمينان جو اظهار ڪيو ويو.

بقايا 05

مڪمل بند رکي وئي جنهن جي اڳواڻي پئراميڊڪس تعلقه ميهڙ صدر مختيار علي ڪوسو، خالد حسين بروهي، احمد خان اشتهر بلهڙو، ممتاز علي جتوئي، لياقت علي لاشاري، محبوب علي چانڊيو، ڊاڪٽر شڪيل لاڪير، زاهد حسين مهيسر، غلام نبي چانڊيو، اشفاق احمد ڏيپر، رستم علي شيخ، شاهد علي ڪوسو، مرتضا ٽيبو، تنوير شيخ، يعقوب مگسي، قادر مگسي، اسد منگي، جاويد ٽيبو، مشتاق چانڊيو، فياض علي شاهه، احمد علي سومرو، اصغر چانڊيو سميت ٻين ملازمن احتجاج ۾ شرڪت ڪئي هنن چيو ته حڪمران ملازم دشمن پاليسين جو نوٽيس وٺن ملازمن جا جائز مطالبا منظور ڪيا وڃن اسان جو هي احتجاج پنهنجي حقن وٺڻ تائين جاري رهندو اسان ملازم دشمن پاليسين کي هرگز برداشت نه ڪنداسين اسان جي هي جنگ پنهنجي حقن وٺڻ تائين جاري آهي جاري رهندي.

بقايا 06

علي مگسي پنهنجي ساٿين ڊامراهه ڳوٺ واسي شاعر نابين عبدالرشيد ابڙو ۽ پينس ڪالوني پاڙي واسي نابين شاگرد سالار جانوري سان گڏجي ڏانهنيندي چيو ته گذريل 24 سيپٽمبر تي اسان ٽئي ڄڻا ڪنهن ڪم سان ڏوڪري شهر وياسي جتان شام جو واپس موٽڻ لاءِ پيپلز بس سروس جي هڪ بس ۾ چڙهي معذورن جي لاءِ مختص ڪيل سيٽن تي ويهي رهياسين. هن الزام لڳايو ته بس جي ڪنڊڪٽر قلب حسين بگٽي اسان کي سيٽن تان زبردستي اٿاري ٻيهاري بعد ۾ ٻين ماڻهن کي ويهاري ڇڏيو اسان جي منع ڪرڻ تي هن هلندڙ بس ۾ اسان سان بدتميزي ڪري گٿالفظ ڳالهائي ڌمڪيون ڏنيون. هن چيو ته سنڌ سرڪار پيپلز بس سروس ۾ معذور ماڻهن جي لاءِ سيٽون مخصوص ڪيون آهن ۽ ڪرايو معاف ڪيو آهي پر بس جو عملو معذورن سان اڻگو رويو اختيار ڪري تنگ ڪري رهيو آهي جيڪا وڏي ناانصافي آهي. هن مطالبو ڪيو ته پيپلز بس سروس جي ڪنڊڪٽر قلب حسين بگٽي خلاف ڪاروائي ڪري معذورن کي رليف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 07

آباد ڊسٽرڪٽ نيشنل پريس ڪلب جي صحافين محمد علي سرهيو، محمد علي راجپوت، عبدالستار دايو، نويد احمد سومرو، خير محمد، عبدالرزاق سيال، تاج محمود دايو، محمد زمان رند، بلاول بلوچ، اڪبر علي گولو سميت ٻين چيو ته اڄ جي صحافت آزاد ناهين رهي، حق سچ لکڻ تان سوين صحافي ڪونڌر ڪسجي چڪا آهن جڏهن ته نڊر صحافين مٿان سچ جي خبر لکڻ تان موت لامار ڏيئي رهيو آهي هنن چيو ته صحافي امتياز ميرجي قتل جي مذمت ڪيون ٿا هن کي ٽارگيٽ ڪري گولين جو ڪاچ بڻايو ويو صحافي امتياز مير زخمن جا سور نه سهندي نيٺ دم ڏٽي حوالي ڪيائين صحافين مطالبو ڪندي چيو ته صحافين کي تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ قانون جوڙيو وڃي. هوڏانهن صحافين بابو حيدر مگسي، نواز سولنگي، بخشڻ لهر، رجب سومرو، عابد سنڌي، نواب لانگاهه، غلام حسين جڪراڻي، عبدالرحمان آفريدي سميت ٻين صحافين پاران صحافي امتياز مير جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو.

بقايا 08

ملازمن احتجاجي مظاهري ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي ۽ جوش وجذبي سان پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ زبردست جذباتي انداز ۾ نعريبازي ڪئي. اسسٽنٽ ڪمشنر ڪلوئي سجاد احمد انصاري پڻ قائم بک هڙتال ڪئمپ ۾ پهتا ۽ سرڪاري ملازمن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ۽ اتي وينل تنظيمن جي اڳواڻن جن ۾ گستا ٿرپارڪر اڳواڻ جيتيش راڻي، انب جوٽيجو، برڪت هنگورجو سپسا ضلع ٿرپارڪر ارجن لال سوٿهڙ ، الهجڙيو درس، ڪيلاش لوڊا، عطا الرحمان بجير، پ. ٽ. الف ٿرپارڪر بادل دل، رميش چوڌري، اڪبر درس، سپلا ٿرپارڪر اڳواڻ رويش گوماڻي، آل روينيو ايمپلائيز ايسوسيئيشن ٿرپارڪر اڳواڻ راجيش لوڊا، اپڪا ٿرپارڪر اڳواڻ مدن لال ڪيلا، مهراج ڪانتيش، مڪيش لڏاڻي ، آئي ٽي اي اي ٿرپارڪر اڳواڻ ارون آچاريه، سروڻ مالهي، لوڪل گورنمينٽ ايسوسيئيشن ٿرپارڪر اڳواڻ تيرٿ ڪمار، پاڪستان وٽرنري ميڊيڪل ايسوسيئيشن ٿرپارڪر (پي.وي.ايم.اي)، سنڌ پيرا وٽرنري اسٽاف ايسوسيئيشن ٿرپارڪر ڊاڪٽر واسديو، پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ٿرپارڪر ڊاڪٽر صاحب ڏنو جهنجي، ڊاڪٽر حفيظ دل، دليپ سوني، ڊاڪٽر راجيش ڪچوريا، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس ٿرپارڪر جي سڄي عملي سرڪاري ملازمن جي پنهنجي جائز حقن جي مڃتا لاءِ گڏيل جدوجهد جو ڀرپور ساٿ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ اڳواڻن حڪومت سنڌ کان اها پرزور مطالبو ڪيو ته خدارا ڪا اهڙي صحيح ، واضح يا جامع حڪمت عملي جوڙي وڃي جنهن سان بار بار پڙهيل لکيل ماڻهن پيغمبري پيشي سان سلهاڙيل استادن. مسيحائي پيشي سان وابسته ڊاڪٽرس ۽ ٻين ملازمن کي اٿين روڊن تي نڪري پنهنجي حقوق جي لاءِ جدوجهد نه ڪرڻي پوي ۽ نه ئي توهان کي سنڌ جي لکين ملازمن کي لٺيون، واٽر ڪينن يا آنسو گئس جي شيلنگ ڪرڻي پوي خدارا هوش کان ڪم وٺو پينشن سرڪاري ملازمن جو رٽائرمينٽ ڪانپوءِ جو اثاثو آهن. گروپ انشورنس جا پئسا انهن ئي ملازمن جي جمع پونجي آهي جيڪا توهان ملازمن کي مرڻ ڪانپوءِ يا پنجهٺ سال جي عمر جي عرصي اندر مرڻ جي صورت ۾ ادا ڪندا خدارا هي ڪهڙي مشڪري آهي ڊي آر اي جيڪا پاڪستان جا ٻي صوبا ڏيئي رهيا آهن پر سنڌ صوبي جي ملازمن کي نٿو ڏنو وڃي ڇا اسين سنڌ جا ملازم پاڪستان جو حصو ناهيون ڇا؟ ڇا پاڪستان جي سموري قرض ادا ڪرڻ جو ٺيڪو سنڌ جي ملازمن کنيو آهي جيڪڏهن ائين ناهي ته اسان سنڌ جي سرڪاري ملازمن سان انصاف ڪيو وڃي انهن کي انهن جا جائز حقوق ڏنا وڃن ۽ مطالبا تسليم ڪيا وڃن

بقايا 09

اسڪولن جي تالابندي جاري رکي وئي. ان حوالي سان گستا نوشهرو فيروز اڳواڻ راشد مسعود عباسي، سعيد احمد ڪلهوڙو، پ ٽ الف ضلع نوشهرو فيروز صدر پير مظفر قريشي، پ ٽ الف تعلقو مورو صدر جاويد احمد ٻگهيو، ٽي اي اي سيڪنڊري بشير احمد حب، ٽي اي او پرائمري حبيب الله ڪوسو، سپلا ضلع نوشهرو فيروز صدر پروفيسر عبدالغفار ڪيريو، عبدالمجيد چنڊ، ولي محمد چنڊ، سيد شفي محمد شاهه، روشن ملڪ، صفدر علي جتوئي، حامد اعوان، محمود علي اعوان، راشد علي مشوري، گل حسن چنڊ، آصف چنڊ، ڪامران چنڊ، واحد بخش زرداري، اختر گچيرائي ۽ ٻين استادن چيو ته سنڌ گورنمينٽ جي بي حسي ۽ ظلم جي حد آهي جو سنڌن ئي حڪومت ۾ هميشه سنڌ جي سرڪاري ملازمن سان ظلم ٿيندو آهي، هن چيو ته سرڪار سنڌ جي لکين ملازمن کان سنڌن بنيادي حق کسڻ چاهي ٿي، جيڪو ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول ناهي، هنن چيو ته سنڌ حڪمران ملازمن جي جائز حق جي مطالبات کي نه مڃيندي وڏي غلطي ڪري رهيا آهن. شايد حڪمرانن جي اها ڀل آهي ته سنڌ جا ملازم پنهنجي حقن تي ماٺ ڪري ويهندا. اڳواڻن چيو ته هڪ ملڪ ۾ ڌار ڌار قانون آهي، جيڪو ٽن صوبن لاءِ هڪ ۽ سنڌ جي لکين ملازمن لاءِ ٻيو آهي. هنن پنهنجا حق ڊي آر اي، گروپ انشورنس نه ڏيڻ ۽ پينشن قانون کي تبديل نه ڪرڻ تائين سرڪاري ادارن جي تالابندي جاري رکڻ جو اعلان ڪيو آهي

بقايا 10

سماجي ڪارڪن عابد اڪبر نوهڙيو. اويئر جي نمائندي جي حيثيت سان سيني آيل مهمانن کي ڀليڪار ڪيو ۽ پروگرام جي اهميت تي روشني وڌي. هن زور ڏنو ته اهڙيون تربيتي گڏجاڻيون سماج ۾ مثبت شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ انتهائي ڪارائتيون آهن. ورڪشاپ جي تربيتي سيشن ٽرينر مس پريا گوسوامي ڪرائي، جن شرڪت ڪندڙن کي عورتن جي حقن، عورتن خلاف ٿيندڙ تشدد جي قسمن، اسبابن ۽ ان جي اثراتن بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني. گڏوگڏ قانوني فريم ورڪ، مذهب جي ڪردار ۽ جرڳي جي مثبت ڪردار تي به روشني وڌي. مکيه مهمان، سينيئر ايڊووڪيٽ ۽ سول سوسائٽي جو اهم رڪن ميان گل منير ولهار انساني حقن جي مختلف پهلوئن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي. هن زور ڀريو ته قانون جي حڪمراني لاءِ سيني کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. هن وڌيڪ چيو ته اهڙيون سرگرميون ڳوٺائين علائقن تائين وڌايون وڃن. جيئن عورتن کي پاڪستان ۾ موجود قانونن جي وڌيڪ ڄاڻ ملي سگهي. انهيءَ کان سواءِ شرڪت ڪندڙن نوجوان سماجي اڳواڻ پرٽ بنسي مالهي، چيو ته نوجوانن جو ڪردار مثبت سماجي تبديلي لاءِ تمام اهم آهي. نوجوان عورت اڳواڻ پوجا مالهي پروگرام ۾ ڳالهائيندي ڳوٺائين عورتن تائين قانوني ڄاڻ پهچائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو سماجي اڳواڻ پيمراج ڪولهي، چيو ته گڏيل سماجي جدوجهد کان سواءِ عورتن خلاف تشدد جو خاتمو ممڪن ناهي ۽ انهيءَ جي شروعات اسان کي پنهنجي گهر کان ڪرڻ کپي. پريس ڪلب جي ميمبر ۽ سينئر امتياز ڪوسو، ورڪشاپ کي صحافتي شعور وڌائڻ لاءِ اهم قرار ڏنو. ورڪشاپ جي پڄاڻي تي سينئر صحافي ۽ پريس ڪلب عمرڪوٽ جي خزانچي غلام مصطفيٰ مهر، سيني آيل مهمانن ۽ شرڪت ڪندڙن جو ٿورائتو ٿيو ۽ چيو ته اهڙيون سرگرميون معاشري ۾ مثبت تبديلي جو ذريعو بڻجن ٿيون. تربيت جي آخر ۾ شرڪت ڪندڙن سيني معزز مهمانن کي تربيتي ورڪشاپ جا سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا

بقايا 11

، فاروق خشڪ ۽ ٻين چيو ته دادو ۾ بدامني ايتري ته وڌي وئي آهي جو اسان دوڪاندار ۽ واپاري نه گهرن ۾ نه دوڪانن تي محفوظ آهيون. روزانو دادو شهر ۾ 8 کان 10 ڦرن جا واقعا پيش اچن ٿا پوليس ڌوهارين کي پڪڙڻ بدران بدامني خلاف احتجاج ڪندڙ واپارين مٿان دهشتگردي قلمن هيٺ ڪيس داخل ڪري رهي آهي، هنن چيو ته 4 ڏينهن اڳ واپاري ذوالفقار سومرو جي دوڪان تان 15 لک کان مٿي ڦر ڪئي وئي آهي جيڪا هن مهل تائين نه چور گرفتار ڪيا ويا نه وري ڦر ٿيل رقم واپس ٿي آهي. دادو ايس ايس پي دادو جي تاريخ جو نااهل ايس ايس پي آهي جنهن جي خلاف سوشل ميڊيا تي روڊ رستن تي احتجاج ٿين پيا هاڻ جهولي کڻي شهر مان چندو وٺي دادو پوليس کي ڏنو ويندو ته پوليس ڌوهارين کي گرفتار ڪري شهر ۾ امن امان ڪرائي، واپارين آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ٻين کان مطالبو ڪيو ته فوري طور دادو ايس ايس پي کي هٽائي دادو شهر سميت پوري ضلعي ۾ امن امان ڪرائي واپارين ذوالفقار سومرو سميت ٻين واپارين ۽ شهرين کان ڦر ٿيل رقم ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائي، ٻي صورت ۾ ڀرپور احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا 12

فرار ٿي ويا. چور دڪان مان ٽي جنريٽر، ٽي بيٽريون، نئين موٽرسائيڪل جا پرزا ۽ ٻيو قيمتي سامان کڻي ويا، جنهن جي قيمت لڳ ڀڳ چار لک رپيا ٻڌائي پئي وڃي. دڪان جي مالڪ عبدالمجيد پنهور ۽ ميڪينڪ جبار موجب، جڏهن پاڙيسرين صبح 6 وڳي اطلاع ڏنو ته اهي دڪان تي پهتا، جتي سڀ قيمتي سامان غائب هو. متاثرين چيو ته چوري ٿيل سامان اصل ۾ گراهڪن جو هو، جنهن جي نقصان جو بار انهن کي پاڻ برداشت ڪرڻو پوندو. انهن وڌيڪ چيو ته صبح 7 وڳي پوليس کي اطلاع ڏيڻ باوجود پوليس موقعي تي نه پهتي. متاثرين ايس ايس پي ۽ ڊي آءِ جي ميرپورخاص کان فوري طور تي نوٽيس وٺڻ ۽ چوري ٿيل سامان جي وصولي سان گڏ انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 13

سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. تفصيل موجب، رڪشا ڊرائيورن سر سيد روڊ، جرواري برانچ، ڪهرو بس اسٽاپ، نيو بس اسٽاپ، اولڊ سول اسپتال جي مين گيٽ جي سامهون، اشرفي سوئيٽس ۽ مين بلديا چوڪ جي ويجهو ڪيترن ئي اهم هنڌن تي بغير ڪنهن خوف جي غيرقانوني اسٽينڊن قائم ڪري ڇڏيا آهن. انهن اسٽينڊن تي رڪشا جون قطارون ٽريفڪ جي وهڪري کي سخت متاثر ڪن ٿيون ۽ گاڏيون ڪلاڪن تائين بيهي رهن ٿيون. شهر جي مختلف علائقن جي دڪاندارن هن صورتحال تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته روڊ جي ڪناري تي رڪشا جي گهڻائي سبب نه رڳو ٽريفڪ جام ٿئي ٿو پر گراهڪ به دڪانن تائين نه پهچي سگهن ٿا، جنهن ڪري ڪاروبار سخت متاثر ٿي رهيو آهي. ٻئي طرف، شهرين الزام لڳايو آهي ته واقعي واري هنڌ تي موجود هجڻ باوجود، ٽريفڪ پوليس اهلڪار اکيون بند ڪري بيٺا آهن ۽ ڪا به ڪارروائي نٿا ڪن. انهن چيو ته غير قانوني اسٽينڊن کي ڀنگ جي بدلي ۾ مفت پاس ڏنو ويو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ عوام کي روزانو ٽريفڪ جام جي صورت ۾ نقصان برداشت ڪرڻو پئجي رهيو آهي. شهرين مطالبو ڪيو آهي ته غير قانوني رڪشا اسٽينڊن خلاف فوري طور تي سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ٽريفڪ پوليس کي شهرين جي سهولت لاءِ ٽريفڪ جي وهڪري کي يقيني بڻائڻ جو پابند بڻايو وڃي.

بقايا 14

. ان موقعي تي خطاب ڪندي سيد رياض حسين شاهه شيرازي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ سنڌ سرڪار سرڪاري ملازمن جي مسئلن ۽ خدشن کان بخوبي واقف آهي. هن خاطري ڪرائي ته خاص طور پينشن ۽ ٻين مراعات سان لاڳاپيل مسئلا جلد کان جلد حل ڪيا ويندا. هن وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي جي حڪومت ڪڏهن به سرڪاري ملازمن سان ناانصافي نه ڪندي ۽ انهن جي جائز مطالبن کي سنجيدگي سان پورا ڪيا ويندا. ان موقعي تي سنڌ ايمپلائيز الائنس ضلعو ٺٽو جي چيئرمين غلام نبي خشڪ سميت ٻين عهديدارن ۽ سرڪاري ملازمن صوبائي وزير جي اچڻ تي سنڌن شڪريو ادا ڪندي چيو ته ملازمن جا خدشا ۽ انهن جو مؤقف اعليٰ قيادت تائين پهچائڻ ۾ سيد رياض حسين شاهه شيرازي جو ڪردار قابل تعريف آهي

بقايا 15

جي ٻوڏ کان متاثر مختلف ڳوٺن جو تفصيلي دورو ڪيو ان موقعي تي هن متاثر علائقن ۾ هلندڙ ريسڪيو ۽ رليف آپريشن جو جائزو ورتو ۽ ضلعي انتظاميه ۽ ريسڪيو ادارن کي هدايت ڪئي ته متاثر ماڻهن کي هر ممڪن سهولتون مهيا ڪيون وڃن. هن چيو ته سنڌ حڪومت متاثر خاندانن کي اڪيلو هرگز نه ڇڏيند ، سنڌن خوراڪ ، عارضي رهائش ، طبي امداد ۽ صاف پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويندو . سيد رياض حسين شاهه شيرازي ٻوڏ متاثرن سان ملاقات ڪري سنڌن مسئلا ٻڌا . هن لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته متاثر خاندانن جي فوري رجسٽريشن ڪئي وڃي ۽ ڪين رليف پيڪيجز ۽ مالي مدد فراهم ڪئي وڃي . صوبائي وزير زور ڏنو ته فلڊ ايمرجنسي دوران سڀ ادارا پاڻ ۾ مربوط رابطي ۽ گڏيل حڪمت عملي تحت ڪم ڪن ته جيئن ڪو به متاثر ڳوٺ يا بستي نظرانداز نه ٿئي. هن چيو ته سنڌ حڪومت عوام جي تڪليفن کان بخوبي واقف آهي ۽ متاثرن جي فوري بحالي ۽ مستقل حل لاءِ سڀ وسيلن کي ڪتب ۾ آندو پيو وڃي . بعد ۾ صوبائي وزير درياءَ سنڌ جي مختلف حفاظتي بندن جو دورو ڪري پاڻيءَ جي وهڪري ، بندن جي صورتحال ۽ انتظامن جو جائزو پڻ ورتو ــ ان موقعي تي لاڳاپيل عملدار ، مقامي نمائندا ۽ علائقي جا معززين پڻ موجود هئا.

بقايا 16

شروع ٿي ويو آهي. هوڏانهن ڏوڪري پريس ڪلب جي صحافين صدر فدا حسين ابڙو، جنرل سيڪريٽري اطهر سنديلو، ياسر منگي، قاضي فريد احمد، قاضي نياز حسين، قاضي سهيل احمد وحيد رمضان جوٽيجو، اطهر ميمڻ ۽ ٻين تڏي تي پهچي تعزيت ڏک جو اظهار ڪيو

بقايا 17

چيو ته منهنجي پيرسن والد ٻيرل خان ابڙو جو ذهني توازن درست ناهي جنهن جو علاج پڻ هلندڙ آهي، والد جي نالي تي ڳيرڀلو شهر ۾ هڪ خانگي اسڪول، ٽي رهائشي گهر، ٽي دڪان، ٽي گودام آهن. هن الزام لڳايو ته چاٽايل سموري ملڪيت تي ڀاءُ ربنواز ابڙو زبردستي قبضو ڪري ڇڏيو جنهن 8 مهينا اڳ حصو گهرڻ تان مون کي پنهنجي پيرسن امڙ سان گڏجي گهران ڪڍي ڇڏيو جنهن کان پوءِ اسان تر جي معزز شخصيت وٽ ملڪيت واري معاملي جو فيصلو ٿيو جنهن ۾ مون سميت منهنجي ڀاءُ ربنواز ابڙو کي ملڪيت مان برابر حصيدار جو فيصلو ٻڌايو ويو پر ان جي باوجود ڀاءُ والد جي ملڪيت مان حصو ڏيڻ لاءِ تيار ناهي ان خلاف برادري جي چڱن مڙس ۽ ڳيرڀلو پوليس کي شڪايتون ڪيون پر ڪو تدارڪ نه ٿي سگهيو ويتر بااثر ڀاءُ ملڪيت مان حصو گهرڻ تان ماسات مصور ابڙو، دوست ماڻڪ چانڊيو، نعيم چانڊيو ۽ ٻين سان گڏجي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي. هن وس وارن کي اپيل ڪئي ته والد جي ملڪيت مان حصو ڏياري بااثر ڀاءُ ۽ مائٽن خلاف ڪاروائي ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 18

(MC)جي پرنسپال جو عهدو سنڀالي ورتو آهي سنڌن مقرريءَ کي طبي حلقن، شاگردن ۽ عوام طرفان هڪ خوش آئند ۽ مثبت قدم قرار ڏنو پيو وڃي ڊاڪٽر صالح چنڊ عهدو سنڀاليندي ئي سول اسپتال سکر جي سمورن ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي کي سختيءَ سان هدايت جاري ڪئي ته هو پنهنجون ذميواريون پوري ايمانداري ۽ خوش اخلاقي سان نڀائن. هن واضح ڪيو ته مريضن سان حسن سلوڪ سنڌن روپي جو لازمي جزهجڻ گهرجي، جڏهن ته ايمرجنسي جي موقعي تي ڊاڪٽر ۽ پيراميڊيڪل اسٽاف هر حالت ۾ پنهنجا فرض نڀائڻ لاءِ موجود رهن ڊاڪٽر صالح چنڊ خبردار ڪيو ته ڪنهن به قسم جي غفلت، لاپرواهي يا شڪايت برداشت نه ڪئي ويندي ۽ اهڙي صورت ۾ فوري تاديبي ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي. ساڳئي وقت هن اهو اعلان به ڪيو ته هو روزانو بنياد تي اسپتال ۽ ڪاليج جو دورو ڪندا ۽ سمورن شعبن جي سڌي نگراني ڪندا. ڊاڪٽر صالح چنڊ انهن شخصيتن مان آهن. جن نه رڳو ميڊيڪل شعبي ۾ شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون پر پنهنجي پيشاورانه صلاحيتن سان هزارين مريضن کي شفا به بخشي. هو هميشه کان هڪ محنتي، ايماندار ۽ اعليٰ اخلاقي قدرن جو حامل ماهر طور سڃاتو وڃي ٿو FCPS Medicineجي ڪامياب ماهر طور. هو طلبا جي بهترين تربيت ۽ ميڊيڪل شعبي ۾ جديد ضرورتن کي اپنائڻ جا حامي رهيا آهن غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج جي پرنسپال طور ڊاڪٽر صالح چنڊ عزم ظاهر ڪيو آهي ته اداري کي هڪ ماڊل ميڊيڪل انسٽيٽيوٽ ۾ تبديل ڪيو ويندو، جتي شاگردن کي معياري تعليم، تربيت ۽ تحقيق جا بهترين موقعا ملندا. ساڳئي وقت سول اسپتال جي علاج معالجي جي نظام کي جديد طريقي سان استوار ڪرڻ لاءِ به عملي قدم کنيا پيا وڃن ڊاڪٽر صالح چنڊ جي قيادت ۾ اها اميد ڪئي پئي وڃي ته ڪاليج ۽ اسپتال ٻئي، طبي معيار، تحقيق ۽ تدريسي سطح تي مزيد ڪاميابيون ماڻيندي

بقايا 19

ڊاڪٽر دلدار لغاري تحرير پيش ڪئي جنهن تي سيني دوستن پنهنجو تبصرو ڪيو گڏجاڻي ۾ پراڻ ندي ۾ شگر ملز جو زهريلو پاڻي ڇڏڻ جي سخت مذمت ڪئي وئي ۽ انتظاميا کان اهو عمل فوري بند ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو گڏجاڻي ۾ چيو ويو ته ڪجھ سال اڳ جڏهن هن ندي جو پاڻي صاف هوندو هو تڏهن جانورن پکين ۽ انسانن کي صاف پيئڻ جو پاڻي ملندو هو پر پاسي جوزي زمين پاڻي به مٺو هوندو هو جيڪو هاڻ مسلسل ڪارو ٿيندو پيو وڃي پاڻي ۾ مڇي ٿيندي هئي جنهن تي ڪيترن ماڻهن جو روزگار هلندو سو به بلڪل بند ٿي ويو آهي ان لاءِ سنڌي ادبي سنگت ۽ سڄاڻ ماڻهو هن عمل کي غيرقانوني غير اخلاقي ۽ آس پاس جي ماحول جي تباهي سمجهن ٿا ان غير انساني عمل خلاف جلد تحريڪ هلائي ويندي گڏجاڻي ۾ اقبال رند ڊاڪٽر دلدار لغاري يوسف سولنگي حنيف گورچاڻي حيدر لغاري گل ڏيٿو برڪت ڏيٿو ذيگر عباس محبوب نندائي شگن ڪولهي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا 20

آجياڻي جي تقريب ۾ پيپلزپارٽي جي ضلعي ،تعلقي ۽ سٽي جي اڳواڻن شرڪت ڪئي ٽنڊو غلام علي: آجياڻي جي گڏجاڻي ۾ پ پ ضلعي بدين جي چونڊيل نمائندن ۾ پ پ ايم اين اي مير غلام علي ٽالپر، پ پ ايم پي اي مير الله بخش ٽالپر، ايم پي اي تنزيلا قمبراڻي، ايم پي اي بي بي ياسمين شاهه، صالح هاليپوٽو، اعظم نوحاڻي سميت پ پ اڳواڻن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ٽنڊو غلام علي: سماجي تنظيم طرفان ٽنڊو غلام علي شهر ۾ معذور مستحقين ۾ ويل چيئرز ڊسٽريبيوشن جي تقريب پڻ ڪوٺائي وئي جنهن ۾ صوبائي وزير جناب مير طارق علي خان ٽالپر صاحب جن چيف گيسٽ جي حيثيت سان شرڪت ڪئي ان موقعي تي پ پ ضلعي بدين جي ايم اين اي ايم پي ايز ۽ پيپلزپارٽي تنظيم جي اڳواڻن شرڪت ڪئي. ٽنڊو غلام علي: ان موقعي تي صوبائي وزير جناب محترم مير طارق علي خان ٽالپر صاحب جن ڪوٺايل تقريب کي خطاب ڪيو

بقايا 21

ٽاڻي جي حد قريشي ڳوٺ واري علائقي جي رهواسي پورهيت دلدار شيخ جي هڪ هفتو اڳ پر اسرار نموني گم ٿي ويل معصوم نياڻي فضا شيخ جو گذريل رات علائقي جي ڊيڪوريشن واري دوڪان جي پاڻي واري ٽانڪي مان لاش هٿ آيو لاش جو اطلاع ملڻ تي وارث ۽ حد پوليس واقعي واري هنڌ پهچي نينگري جي لاش کي سول اسپتال سکر ڪٺائي آئي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد ضروري ڪاغذي ڪاروائي ڪانپوءِ وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ان ڏس ۾ نينگري جي وارثن جو چوڻ آهي ته اسان پورهيت ۽ غريب آهيون ڪنهن سان به دشمني ناهي وڏو ظلم ٿيو آهي هوڏانهن واقعي جو اطلاع ملڻ تي ايس ايس پي سکر اظهر خان مغل پهچي جائزو ۽ معلومات ورتي جڏهن ته ان ڏس ۾ ذريعن موجب پوليس شڪي بنياد تي ڪجھ ماڻهن کي جاچ لاءِ تحويل ۾ ورتو آهي

بقايا 22

ايمپلائيز الائنس پاران ٻيهر هڪ هفتو سرڪاري ادارن جي تالابندي جو اعلان ڪيو ويو آهي. جنهن سبب اڄ سوين شاگرد اسڪول پهتا ته دروازا بند ڏسي مايوس ٿي پيا. گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ڪوٽ غلام محمد جا شاگرد، جيڪي علم حاصل ڪرڻ لاءِ صبح سوير اسڪول پهتا هئا، پر اسڪول بند ڏسي سنڌن اکين ۾ لڙڪ اچي ويا. شاگردن اسڪول جي گيٽ اڳيان بيهي سخت احتجاج مظاهرو ڪيو. احتجاج دوران شاگردن جو چوڻ هو ته تعليم سنڌن بنيادي حق آهي، جنهن کان ڪين محروم نه ڪيو وڃي. "اسين هر روز ڪتابون کڻي ايندا آهيون، پر اسڪول بند هوندو آهي. ائين هليو ته اسان جو مستقبل خراب ٿي ويندو". هڪ شاگرد دلي ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو. احتجاج ڪندڙ شاگردن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته جلد کان جلد ملازمن جا مسئلا حل ڪري تعليمي ادارا کوليا وڃن ته جيئن سنڌن تعليم جو سلسلو ٻيهر بحال ٿي سگهي

بقايا 23

قادر بخش ٻهراڻي حدخلين هٿائڻ ۽ مزدورن جي احتجاج جي ڪوريج ڪندڙ مقامي صحافين سان بداخلاقي ڪري ڪيمرائون ۽ موبائل فون ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي، پوليس جي اهڙي عمل خلاف صحافين ۾ تاءُ پکڙجي ويو. صحافين پاران ايس ايڇ او سميت ملوث پوليس اهلڪارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪوريج ڪرڻ صحافين جي ڊيوٽي آهي پوليس موبائيل فون ڦرڻ جي ڪوشش ڪري بداخلاقي ڪئي جنهن جي مذمت ڪريون ٿا صحافي برادري. ايس ايڇ او منڊي جي غنڊاگردي جو نوٽيس ورتو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو مٺي جي صحافين جو چوڻ

بقايا 24

ٿيڻ تي مبارڪباد پيش ڪندي اميد ظاهر ڪئي آهي ته مولانا اسامه محمود هاليجاوي جي قيادت طلباء تنظيم لاءِ مثبت اڳڀرائي ثابت ٿيندي، هن چيو ته سنڌن علم، دانش ۽ تنظيمي صلاحيتن سان جمعيت طلباء اسلام صوبي سنڌ ۾ وڌيڪ فعال ڪردار ادا ڪندي اهڙو اظهار هن جمعيت علماء اسلام ضلعي سکر جي ترجمان قاري امان الله سکروي ۽ ٻين رهنمائن سان گڏ مدرسي منزل گاهه سکر ۾ جمعيت طلباء اسلام صوبي سنڌ جي صدر مولانا اسامه محمود هاليجاوي کي مبارڪباد پيش ڪندي ڪيو وفد ملاقات دوران ڪيس صدر منتخب ٿيڻ تي مبارڪباد پيش ڪئي ۽ گلن جا هار پارايا. گڏوگڏ اميد ظاهر ڪئي ته هو طلباء جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۽ ديني ۽ علمي خدمتن کي فروغ ڏيڻ ۾ پنهنجو ڪردار بهترين نموني ادا ڪندو ٻئي طرف مولانا اسامه محمود هاليجاوي کي جمعيت طلباء اسلام صوبي سنڌ جو صدر منتخب ٿيڻ تي مختلف مذهبي، سماجي ۽ طلباء رهنمائن طرفان مبارڪباد ڏيڻ جو سلسلو جاري آهي

بقايا 25

جي صدر عبدالغفور عباسي، پنهنجي گڏيل بيان ۾ چيو ته سنڌ حڪومت وفاقي حڪومت جيئان ڊي آر اي الائونس موجود بيسڪ تي ڏئي ۽ پگهارن ۾ فرق ختم ڪري گروپ انشورنس ۽ بهبود فنڊ جي مڪمل رقم رٽائرمينٽ جي وقت ڏني وڃي ۽ پينشن 2001 جو قانون بحال ڪري ڪٽوتي جو ڪارو قانون ختم ڪيو وڃي اڄ ڪراچي ڊويزن جي گورنمينٽ ڪامرس ڪاليج پي آءِ ڊي سي جي پروفيسر اشرف ميمڻ، اسلم شاهه ، پروفيسر سهيل احمد بخاري سميت عوررت پروفيسرن احتجاج ۾ شامل ٿيون جوهر گورنمينٽ ڪاليج 01 ۽ 02 ، گورنمينٽ علامه اقبال گرلز ڪاليج ، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج گلشن اقبال بلاڪ 07 گورنمينٽ گرلس ڊگري ڪاليج شيخ زيد سينٽر گورنمينٽ گرلز ۽ بوائز ڪاليج گلزار هجري، گورنمينٽ گرلز ڪاليج ڪورنگي 04، گورنمينٽ بوائز ڪاليج ابراهيم حيدري ، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ايس آر مجيد ، گورنمينٽ بوائز ڪاليج عائشه باواڻي ، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڪونڪر گڏاپ ٽائون ، گورنمينٽ ڊگري گرلز ڪاليج بلاڪ 13 گلستان جوهر، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو بوائز ڪاليج اورنگي ٽائون سميت ٻين ڪاليجن پڻ حمايت ڪري ڪاليجن ۾ احتجاج پڻ ڪيو مير پور خاص ڊويزن صدر مظهر علي عباسي جي اڳواڻي ۾ گورنمينٽ جي تعليمي ادارن ضلعي هيڊ ڪوارٽر سول اسپتال ، ڊائريڪٽوريٽ اسڪولن ڪاليجن ۾ مڪمل تالا بندي ڪئي وئي

بقايا 26

رهيا، جنهن سبب شاگردن جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي. روزانو پري پري کان ايندڙ شاگرد پڙهائي کان محروم ٿي واپس موٽڻ تي مجبور آهن. والدين تعليم کاتي کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته استادن جا جائز مطالبا فوري طور حل ڪيا وڃن. جيئن معصوم ٻارن جي تعليم بچي سگهي. ٻئي طرف اسپتالن ۾ عملي جي غيرموجودگي سبب مريضن کي علاج جي سهولتن کان محروم آهن ۽ هو سڄو ڏينهن دربدر ٿيندا رهن ٿا. ڪيترائي مريض عطائي ڊاڪٽرن جي هٿان لٽجڻ تي مجبور آهن. ان ڏس ۾ رورل هيلٿ سينٽر ڪيٽي بندر، رورل هيلٿ سينٽر ٻگهاڻ، هاءِ اسڪول ڪيٽي بندر، هاءِ اسڪول ٻگهاڻ، گورنمينٽ لوئر سيڪنڊري اسڪول ڳاڙهو ۽ بنيادي صحت مرڪز ڳاڙهو سميت ڪيترين ئي آفيسن تي تالا هنيا ويا. جتي ملازمن پاران احتجاجي مظاهرا ۽ نعريبازي ڪئي وئي، احتجاج ڪندڙ ملازمن جو چوڻ هو ته جيستائين سنڌن جائز مطالبا تسليم نه ڪيا ويندا، احتجاج جو سلسلو جاري رهندو، هنن چيو ته پينشن بند ڪرڻ يا ان مان ڪٽوتي ڪرڻ سراسر زيادتي آهي. جيڪا ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي. وڌيڪ هنن الزام هنيو ته موجوده سنڌ حڪومت استادن جي گروپ انشورنس ۽ سن ڪوٽا بند ڪرڻ ڪانپوءِ هاڻي پينشن ختم ڪرڻ جي سازش ڪري رهي آهي. جڏهن ته سنڌ جا سرڪاري ملازم اڄ به ڊي آر الائونس کان محروم آهن. جيڪا وفاقي ملازمن کي فراهم ڪئي پئي وڃي. ملازمن جو مطالبو ڪندي چيو ته حڪومت فوري طور تي سنڌن جائز مسئلا حل ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو سلسلو وڌيڪ سخت بڻايو ويندو.

بقايا 27

اڳواڻي ۾ پبلڪ پارڪ تي احتجاج ڪيو ويو. سجاول : احتجاج ۾ پ ٽ اڳواڻ ساءِ عمر ميمڻ، خالد سمون مظفر لغاري ، منظور خواجا سميت سوين ملازمن آفيسن جي تالا بندي ڪري بک هڙتال ڪري ويهي رهيا سجاول: احتجاج ۾ اسپتال، ڪاليجن، اسڪولن ۽ روينيو ملازمن سميت سمورن سرڪاري ملازمن احتجاج ۾ شرڪت ڪئي. سجاول: اسپتالن ۾ تالابندي بندي سبب علاج لاءِ آيل مريض سخت پريشان . سجاول : احتجاج ڪندڙ ملازمن جو چوڻ هو ته سنڌ حڪومت ڊي آر الائونس ۽ گروپ انشورنس سميت ڪيل مطالبا بحال ڪيا وڃن سجاول: مطالبا منظور نه ٿيڻ جي صورت ۾ 6 آڪٽومبر تي بلاول هائوس ڪراچي تي احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 28

آئي، ته والدين کي ڏسي پنهنجي پيءُ جي ڳلي لڳي پئي ان تي سندس مڙس ۽ مڙس جي مائٽن پاران ڇوڪري تي تشدد ڪيو ويو ڇوڪري ۽ ڇوڪر جي مائٽن وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو ڪورٽ سڳوري جي حدود ۾ ڪشيدگي پيدا ٿي وئي سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ 1 ميرپورخاص الهي بخش کي پوليس جي حوالي ڪري ڇڏيو، جڏهن ته ڪريم کي عدالت ۾ ويهاريو ويو ڇوڪري جو بيان وٺڻ بعد فيصلو ڪيو ويندو ان موقعي تي پوليس جي وڏي نفري به عدالت پهچي وئي

بقايا 29

سٽ جو شڪريو ادا ڪيو رپورٽ موجب احمدپور ٽائون ڪاميٽي جي وارڊ نمبر هڪ ۾ نئين چونڊجي آيل پيپلزپارٽي جي ٽڪيٽ تان جنرل ڪائونسلر وڏيرو ممتاز علي شيخ پريس ڪلب پهچي پريس ڪلب احمدپور جي صدر خواجه بدرالدين سميت پوري سٽ جو شڪريو ادا ڪيو ۽ گلن جا هار پڻ پارايا ويا ان موقعي تي هن جو چوڻ هو ته پريس ڪلب جي صدر سميت سندس پوري ٽيم بنا ڪنهن فرق جي احمدپورءِ پرپاسي وارن علائقن جي غريب ماڻهن جي خدمت ڪئي آهي ۽ انهن جي آواز کي اعلي ايوانن تائين پهچائڻ جي هميشه ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي جنهن ڪري پريس احمدپور جي سيني دوستن جا انتهائي شڪر گذار آهيون ۽ هن وڌيڪ چيو ته اسان پريس ڪلب جي سرڪاري بلڊنگ نهرائي ڏيڻ سان گڏ ٻين مسئلن کي به حل ڪرڻ لاءِ پيپلزپارٽي جي ايم اين اي سيد جاويد علي شاهه جيلاني جن سان ملاقات ڪري ڪوشش ڪنداسين ته جيئن پريس ڪلب احمدپور جي سيني صحافين جا مسئلا حل ٿي سگهن ۽ هر وقت هر گهڙي صحافي دوستن توڙي ٽائون ڪاميٽي احمدپور جي عوام سان گڏ آهيون ۽ گڏ رهنداسين ان موقعي تي وڏيرو نورالله شيخ امان الله شيخ عطاء محمد شيخ اسلم شيخ جهانگير شيخ ۽ ٻيا ساٿس گڏ هئا

بقايا 30

چڙهڻ سميت ٻن ڪتن کي زخمي ڪري ڇڏيو اهي، جيڪا ساڻن وڏي ناانصافي اهي. لڪاڏنو گندرو چيو ته بااثر زميندار جميل احمد عابداڻي ڪان مون ڪجھ وقت اڳ 8 ايڪڙ سروي زمين خريد ڪئي هئي، جنهن جو هو ڪاتو ڏيڻ لاءِ تيار ناهي ۽ منهنجي خريد ڪيل زمين کي قبائڻ لاءِ هو مختلف حربا استعمال ڪندي هن اسانجي بي زبان جانورن کي نقصان پهچائڻ سان گڏ اسانجو رستو بند ڪري ڇڏيو آهي، جنهن ڪري اسان سخت پريشان آهيون. اسان پنهنجي زمين جو ڪاتو گهرڻ توڙي رستو کولرائڻ جي ڪوششون ڪريون ٿا ته هو اسانکي وڌيڪ نقصان جون ڌمڪيون ڏوڏي، جنهن مان ڪين وڌيڪ نقصان جو انديشو اهي. جنهن جون دانهون علائقي جي معززين ۽ حد جي پوليس کي ڏيئي چڪا آهيون. پر اسان سان ڪير به انصاف ڪرائڻ لاءِ تيار ناهي، هن سيشن جج ٺٽو، ڊي سي ٺٽو، ايس ايس پي ٺٽو، چونڊيل نمائندن سميت سمورن وس وارن کان گهر ڪئي ته ساڻن انصاف ڪري ڪيس خريد ڪيل زمين جو ڪاتو بااثر زميندار جميل عابداڻي کان ڏياري سندس بي زبان جانورن هڪ تازي شڪاري ڪتي کي مارڻ ۽ ٻن ڪتن کي زخمي ڪندڙ جوابدار حبيب گندرو خلاف ڪاروائي ڪري ڪين تحفظ مهيا ڪري بند ٿيل سنڌن رستو بحال ڪيو وڃي. ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪرڻ سميت انصاف لاءِ عدالت ۾ ويندس.

بقايا 31

ڏهڪاءَ پکيڙڻ سميت سنڌن ماڻهن کي هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري يرغمال بنائڻ واري عمل خلاف هڪ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي بااثر ماڻهن جي زيادتين خلاف سخت نعريبازي ڪري روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن ڪري ٻنهي پاسن ڪان وڏي تعداد ۾ گاڏيون بيهجي ويون. ان موقعي تي چليا لڳ ڪينجهر ڍنڍ ڪناري ڳوٺ رمضان ميربحر جي ڪيترن ئي متاثر رهواسين فضل ملاح، جاڙو، عظيم، دودو، رمضان ملاح، مسمات اميد، زريد ۽ ٻين سخت احتجاج ڪندي چيو ته سنڌن ڳوٺ پرسان شورا برادري جي ڪامران عرف ڪامني شورو، عرفان شورو، ستار، ظفر، اڇڪو شورو ۽ ٻين ڪاله شام اسانجي گهرن تي چڙهائي ڪري عورتن ۽ مردن تي تشدد ڪرڻ بعد اسانجي ٻن پورهيتن فضل ملاح ۽ جاڙو ملاح جي گهرن کي باهيون ڏيئي ساڙڻ سميت اسانجي گهرن ۾ پيچ ڏاهه ڪري سمورو سامان ڪٽي وڃڻ بعد اسانکي پنهنجي ئي گهرن مان بيدخل ڪري انهن تي قبضو ڪري هٿيارن سان ليس ٿي ويهي رهيا آهن. جن اسانجي هڪ پورهيت سومار ملاح کي هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري پاڻ وٽ يرغمال بنائي رکي ڇڏيو آهي، جنهن جي جان کي پڻ خطرو آهي، هنن چيو ته حد جي پوليس کي اطلاع ڪرڻ باوجود پوليس اسانجي ڪا به مدد ڪرڻ لاءِ تيار ناهي ۽ نه ئي اسان پنهنجي گهرن ۾ وڃي سگهون ٿا، هنن چيو ته سنڌن گهرن تي قبضو ڪندڙ شورا برادري جا ماڻهون ڪين پنهنجي گهرن ۾ به وڃڻ نٿا ڏين، جيڪي ڪين وڌيڪ نقصان پهچائڻ چاهين ٿا، هنن سيشن جج ٺٽو ايس ايس پي ٺٽو، چونڊيل نمائندن، انساني حقن جي تنظيمن جي اڳواڻن کي اپيل ڪئي ته ساڻن انصاف ڪري ڪين شورا برادري جي هٿياربند ماڻهن جي زيادتين مان نجات ڏياري سنڌن گهرن تي ٿيل قبضو خالي ڪرائي ٿيل نقصان جو ازالو ڪرائڻ سميت سنڌن يرغمال بڻيل سومار ملاح کي ازاد ڪرائي سمورن حملي آورن خلاف ڪاروائي ڪري ڪين دربدري واري زندگي مان نجات ڏياري ڪين پنهنجي گهرن ۾ جيئڻ جو حق ڏيئي تحفظ مهيا ڪيو وڃي، ٻئي صورت ۾ سخت ڪان سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا 32

ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.خبرموجباحتجاجي ريلي پريس ڪلب کان نڪري شهر جي اهم رستن مان گذري پريس ڪلب پهتي، جتي شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي نعريبازي ڪئي. مظاهرين چيو ته امتياز مير جو قتل صحافت تي حملو آهي. جنهن جي آزاد ۽ شفاف جاچ ٿيڻ گهرجي ۽ قاتلن کي فوري گرفتار ڪري ڪين سزا ڏني وڃي. اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ڏهرڪي ۾ صحافين تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جي عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي، صحافت کي دٻائڻ لاءِ اهڙا حربا برداشت نه ڪيا ويندا. صحافين جي تحفظ لاءِ قانونسازي ۽ حڪومتي سطح تي پختا قدم کڻڻ لازمي آهن. مظاهرين چيو ته جيڪڏهن امتياز مير جي قاتلن کي گرفتار نه ڪيو ويو ۽ صحافين تي داخل ڪيس واپس نه ورتا ويا ته احتجاج جو دائرو ضلعي کان وڌائي سنڌ جي سطح تي ڪيو ويندو

بقايا 33

ربڏنو سومرو جي رهواسي غلام مصطفي سومرو جي 10 سالا نياڻي عزيزان سومرو جي 11 ڏينهن اڳ سرويڪل وئڪسين ڪئي وئي هئي جنهن کان پوءِ سندس طبيعت انتهائي خراب ٿي وئي آهي غريب پورهيت پيءُ نياڻي کي کڻي سرڪاري اسپتال جا چڪر ڪاٽڻ تي مجبور آهي سرويڪل وئڪسين مان خراب ٿيل نياڻي جو غريب پيءُ غلام مصطفي سومرو پنهنجي نياڻي کي کڻي رورل هيلٿ سينٽر ڇوهڙ جمالي پهتو جتي هن ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته منهنجي نياڻي جي وئڪسين ٿيڻ جي ٻن ڪلاڪن ڪانپوءِ منهنجي نياڻي جي حالت خراب ٿي وئي ان جي بدن تي ڳنڍيا ظاهر ٿي پيا اسين ڇوڪري کي کڻي اسپتال تي آياسين ته ڊاڪٽرن ۽ وئڪسين ٽيم دلاسو ڏيئي چيو ته اهڙي ڪا به ڳالهه ناهي ڇوڪري سيٽ ٿي ويندي 11 ڏينهن گذرڻ جي باوجود منهنجي نياڻي جي طبيعت ۾ ڪو به سڌارو نه آيو آهي اها کائڻ پيئڻ کان به لاچار آهي ان جي طبيعت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئي وڃي اسان جو ٻيو ڪو به مطالبو ڪونهي صرف منهنجي نياڻي جو علاج ڪرائي ان جي زندگي بچائي وڃي

بقايا 34

۾ شرڪت ڪئي محلي ۾ سوڳ ڇانئجي ويو تفصيل موجب تعلقه پريس ڪلب اوباوڙو جي ايگزيڪيٽو ڪاميٽي جي چيئرمين سينئر صحافي اقبال انجم ملڪ کي اوچتو دل جو دورو پئجي ويو جنهن کي وارثن ڳڻتي جوڳي حالت ۾ رحيميار خان جي شيخ زيد اسپتال منتقل ڪيو. جتي ڊاڪٽرن جي ڪوششن باوجود هو علاج دوران اسپتال ۾ دم ڏٽي حوالي ڪري ويو مرحوم جو مڙهه اوباوڙو ۾ سندس اباڻي گهر ملڪ ڪالوني آندو ويو جتي مرحوم جو مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ۽ محلي ۾ سوڳ جو ماحول ڇانيل رهيو مرحوم جي جنازي نماز اوباوڙو جي اسٽيڊيم گرائونڊ ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن، صحافين ۽ سوين شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جنازي نماز کان پوءِ مرحوم کي لانگهو روڊ واري قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. جڏهن ته ملڪ ڪالوني ۾ سوڳ واري ڪيفيت برقرار رهي.

بقايا 35

ملازمن احتجاجي مظاهري ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي ۽ جوش وجذبي سان پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ زبردست جذباتي انداز ۾ نعريبازي ڪئي. اسسٽنٽ ڪمشنر ڪلوئي سجاد احمد انصاري پڻ قائم بک هڙتال ڪئمپ ۾ پهتا ۽ سرڪاري ملازمن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ۽ اتي وينل تنظيمن جي اڳواڻن جن ۾ گستا ٿرپارڪر اڳواڻ جيتيش راڻي، انب جوٽيجو، برڪت هنگورجو سپسا ضلع ٿرپارڪر ارجن لال سوٿهڙ ، الهجڙيو درس، ڪيلاش لوڊا، عطا الرحمان بجير، پ. ٽ. الف ٿرپارڪر بادل دل، رميش چوڌري، اڪبر درس، سپلا ٿرپارڪر اڳواڻ رويش گوماڻي، آل روينيو ايمپلائيز ايسوسيئيشن ٿرپارڪر اڳواڻ راجيش لوڊا، اپڪا ٿرپارڪر اڳواڻ مدن لال ڪيلا، مهراج ڪانتيش، مڪيش لڏاڻي ، آئي ٽي اي اي ٿرپارڪر اڳواڻ ارون آچاريه، سروڻ مالهي، لوڪل گورنمينٽ ايسوسيئيشن ٿرپارڪر اڳواڻ تيرٿ ڪمار، پاڪستان وٽرنري ميڊيڪل ايسوسيئيشن ٿرپارڪر (پي.وي.ايم.اي)، سنڌ پيرا وٽرنري اسٽاف ايسوسيئيشن ٿرپارڪر ڊاڪٽر واسديو، پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ٿرپارڪر ڊاڪٽر صاحب ڏنو جهنجي، ڊاڪٽر حفيظ دل، دليپ سوني، ڊاڪٽر راجيش ڪچوريا، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس ٿرپارڪر جي سڄي عملي سرڪاري ملازمن جي پنهنجي جائز حقن جي مڃتا لاءِ گڏيل جدوجهد جو ڀرپور ساٿ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ اڳواڻن حڪومت سنڌ کان اها پرزور مطالبو ڪيو ته خدارا ڪا اهڙي صحيح ، واضح يا جامع حڪمت عملي جوڙي وڃي جنهن سان بار بار پڙهيل لکيل ماڻهن پيغمبري پيشي سان سلهاڙيل استادن. مسيحائي پيشي سان وابسته ڊاڪٽرس ۽ ٻين ملازمن کي اٿين روڊن تي نڪري پنهنجي حقوق جي لاءِ جدوجهد نه ڪرڻي پوي ۽ نه ئي توهان کي سنڌ جي لکين ملازمن کي لٺيون، واٽر ڪينن يا آنسو گئس جي شيلنگ ڪرڻي پوي خدارا هوش کان ڪم وٺو پينشن سرڪاري ملازمن جو رٽائرمينٽ ڪانپوءِ جو اثاثو آهن. گروپ انشورنس جا پئسا انهن ئي ملازمن جي جمع پونجي آهي جيڪا توهان ملازمن کي مرڻ ڪانپوءِ يا پنجهٺ سال جي عمر جي عرصي اندر مرڻ جي صورت ۾ ادا ڪندا خدارا هي ڪهڙي مشڪري آهي ڊي آر اي جيڪا پاڪستان جا ٻي صوبا ڏيئي رهيا آهن پر سنڌ صوبي جي ملازمن کي نٿو ڏنو وڃي ڇا اسين سنڌ جا ملازم پاڪستان جو حصو ناهيون ڇا؟ ڇا پاڪستان جي سموري قرض ادا ڪرڻ جو ٺيڪو سنڌ جي ملازمن کنيو آهي جيڪڏهن ائين ناهي ته اسان سنڌ جي سرڪاري ملازمن سان انصاف ڪيو وڃي انهن کي انهن جا جائز حقوق ڏنا وڃن ۽ مطالبا تسليم ڪيا وڃن

بقايا 36

ملازمن احتجاجي مظاهري ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي ۽ جوش وجذبي سان پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ زبردست جذباتي انداز ۾ نعريبازي ڪئي. اسسٽنٽ ڪمشنر ڪلوئي سجاد احمد انصاري پڻ قائم بک هڙتال ڪئمپ ۾ پهتا ۽ سرڪاري ملازمن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ۽ اتي وينل تنظيمن جي اڳواڻن جن ۾ گستا ٿرپارڪر اڳواڻ جيتيش راڻي، انب جوٽيجو، برڪت هنگورجو سپسا ضلع ٿرپارڪر ارجن لال سوٿهڙ ، الهجڙيو درس، ڪيلاش لوڊا، عطا الرحمان بجير، پ. ٽ. الف ٿرپارڪر بادل دل، رميش چوڌري، اڪبر درس، سپلا ٿرپارڪر اڳواڻ رويش گوماڻي، آل روينيو ايمپلائيز ايسوسيئيشن ٿرپارڪر اڳواڻ راجيش لوڊا، اپڪا ٿرپارڪر اڳواڻ مدن لال ڪيلا، مهراج ڪانتيش، مڪيش لڏاڻي ، آئي ٽي اي اي ٿرپارڪر اڳواڻ ارون آچاريه، سروڻ مالهي، لوڪل گورنمينٽ ايسوسيئيشن ٿرپارڪر اڳواڻ تيرٿ ڪمار، پاڪستان وٽرنري ميڊيڪل ايسوسيئيشن ٿرپارڪر (پي.وي.ايم.اي)، سنڌ پيرا وٽرنري اسٽاف ايسوسيئيشن ٿرپارڪر ڊاڪٽر واسديو، پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ٿرپارڪر ڊاڪٽر صاحب ڏنو جهنجي، ڊاڪٽر حفيظ دل، دليپ سوني، ڊاڪٽر راجيش ڪچوريا، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس ٿرپارڪر جي سڄي عملي سرڪاري ملازمن جي پنهنجي جائز حقن جي مڃتا لاءِ گڏيل جدوجهد جو ڀرپور ساٿ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ اڳواڻن حڪومت سنڌ کان اها پرزور مطالبو ڪيو ته خدارا ڪا اهڙي صحيح ، واضح يا جامع حڪمت عملي جوڙي وڃي جنهن سان بار بار پڙهيل لکيل ماڻهن پيغمبري پيشي سان سلهاڙيل استادن. مسيحائي پيشي سان وابسته ڊاڪٽرس ۽ ٻين ملازمن کي اٿين روڊن تي نڪري پنهنجي حقوق جي لاءِ جدوجهد نه ڪرڻي پوي ۽ نه ئي توهان کي سنڌ جي لکين ملازمن کي لٺيون، واٽر ڪينن يا آنسو گئس جي شيلنگ ڪرڻي پوي خدارا هوش کان ڪم وٺو پينشن سرڪاري ملازمن جو رٽائرمينٽ ڪانپوءِ جو اثاثو آهن. گروپ انشورنس جا پئسا انهن ئي ملازمن جي جمع پونجي آهي جيڪا توهان ملازمن کي مرڻ ڪانپوءِ يا پنجهٺ سال جي عمر جي عرصي اندر مرڻ جي صورت ۾ ادا ڪندا خدارا هي ڪهڙي مشڪري آهي ڊي آر اي جيڪا پاڪستان جا ٻي صوبا ڏيئي رهيا آهن پر سنڌ صوبي جي ملازمن کي نٿو ڏنو وڃي ڇا اسين سنڌ جا ملازم پاڪستان جو حصو ناهيون ڇا؟ ڇا پاڪستان جي سموري قرض ادا ڪرڻ جو ٺيڪو سنڌ جي ملازمن کنيو آهي جيڪڏهن ائين ناهي ته اسان سنڌ جي سرڪاري ملازمن سان انصاف ڪيو وڃي انهن کي انهن جا جائز حقوق ڏنا وڃن ۽ مطالبا تسليم ڪيا وڃن

بقايا 37

ڏهڪاءَ پکيڙڻ سميت سنڌن ماڻهن کي هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري يرغمال بنائڻ واري عمل خلاف هڪ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي بااثر ماڻهن جي زيادتين خلاف سخت نعريبازي ڪري روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن ڪري ٻنهي پاسن ڪان وڏي تعداد ۾ گاڏيون بيهجي ويون. ان موقعي تي چليا لڳ ڪينجهر ڍنڍ ڪناري ڳوٺ رمضان ميربحر جي ڪيترن ئي متاثر رهواسين فضل ملاح، جاڙو، عظيم، دودو، رمضان ملاح، مسمات اميد، زريد ۽ ٻين سخت احتجاج ڪندي چيو ته سنڌن ڳوٺ پرسان شورا برادري جي ڪامران عرف ڪامني شورو، عرفان شورو، ستار، ظفر، اڇڪو شورو ۽ ٻين ڪاله شام اسانجي گهرن تي چڙهائي ڪري عورتن ۽ مردن تي تشدد ڪرڻ بعد اسانجي ٻن پورهيتن فضل ملاح ۽ جاڙو ملاح جي گهرن کي باهيون ڏيئي ساڙڻ سميت اسانجي گهرن ۾ پيچ ڏاهه ڪري سمورو سامان ڪٽي وڃڻ بعد اسانکي پنهنجي ئي گهرن مان بيدخل ڪري انهن تي قبضو ڪري هٿيارن سان ليس ٿي ويهي رهيا آهن. جن اسانجي هڪ پورهيت سومار ملاح کي هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري پاڻ وٽ يرغمال بنائي رکي ڇڏيو آهي، جنهن جي جان کي پڻ خطرو آهي، هنن چيو ته حد جي پوليس کي اطلاع ڪرڻ باوجود پوليس اسانجي ڪا به مدد ڪرڻ لاءِ تيار ناهي ۽ نه ئي اسان پنهنجي گهرن ۾ وڃي سگهون ٿا، هنن چيو ته سنڌن گهرن تي قبضو ڪندڙ شورا برادري جا ماڻهون ڪين پنهنجي گهرن ۾ به وڃڻ نٿا ڏين، جيڪي ڪين وڌيڪ نقصان پهچائڻ چاهين ٿا، هنن سيشن جج ٺٽو ايس ايس پي ٺٽو، چونڊيل نمائندن، انساني حقن جي تنظيمن جي اڳواڻن کي اپيل ڪئي ته ساڻن انصاف ڪري ڪين شورا برادري جي هٿياربند ماڻهن جي زيادتين مان نجات ڏياري سنڌن گهرن تي ٿيل قبضو خالي ڪرائي ٿيل نقصان جو ازالو ڪرائڻ سميت سنڌن يرغمال بڻيل سومار ملاح کي ازاد ڪرائي سمورن حملي آورن خلاف ڪاروائي ڪري ڪين دربدري واري زندگي مان نجات ڏياري ڪين پنهنجي گهرن ۾ جيئڻ جو حق ڏيئي تحفظ مهيا ڪيو وڃي، ٻئي صورت ۾ سخت ڪان سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا 38

ملازمن احتجاجي مظاهري ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي ۽ جوش وجذبي سان پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ زبردست جذباتي انداز ۾ نعريبازي ڪئي. اسسٽنٽ ڪمشنر ڪلوئي سجاد احمد انصاري پڻ قائم بک هڙتال ڪئمپ ۾ پهتا ۽ سرڪاري ملازمن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ۽ اتي وينل تنظيمن جي اڳواڻن جن ۾ گستا ٿرپارڪر اڳواڻ جيتيش راڻي، انب جوٽيجو، برڪت هنگورجو سپسا ضلع ٿرپارڪر ارجن لال سوٿهڙ ، الهجڙيو درس، ڪيلاش لوڊا، عطا الرحمان بجير، پ. ٽ. الف ٿرپارڪر بادل دل، رميش چوڌري، اڪبر درس، سپلا ٿرپارڪر اڳواڻ رويش گوماڻي، آل روينيو ايمپلائيز ايسوسيئيشن ٿرپارڪر اڳواڻ راجيش لوڊا، اپڪا ٿرپارڪر اڳواڻ مدن لال ڪيلا، مهراج ڪانتيش، مڪيش لڏاڻي ، آئي ٽي اي اي ٿرپارڪر اڳواڻ ارون آچاريه، سروڻ مالهي، لوڪل گورنمينٽ ايسوسيئيشن ٿرپارڪر اڳواڻ تيرٿ ڪمار، پاڪستان وٽرنري ميڊيڪل ايسوسيئيشن ٿرپارڪر (پي.وي.ايم.اي)، سنڌ پيرا وٽرنري اسٽاف ايسوسيئيشن ٿرپارڪر ڊاڪٽر واسديو، پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ٿرپارڪر ڊاڪٽر صاحب ڏنو جهنجي، ڊاڪٽر حفيظ دل، دليپ سوني، ڊاڪٽر راجيش ڪچوريا، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس ٿرپارڪر جي سڄي عملي سرڪاري ملازمن جي پنهنجي جائز حقن جي مڃتا لاءِ گڏيل جدوجهد جو ڀرپور ساٿ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ اڳواڻن حڪومت سنڌ کان اها پرزور مطالبو ڪيو ته خدارا ڪا اهڙي صحيح ، واضح يا جامع حڪمت عملي جوڙي وڃي جنهن سان بار بار پڙهيل لکيل ماڻهن پيغمبري پيشي سان سلهاڙيل استادن. مسيحائي پيشي سان وابسته ڊاڪٽرس ۽ ٻين ملازمن کي اٿين روڊن تي نڪري پنهنجي حقوق جي لاءِ جدوجهد نه ڪرڻي پوي ۽ نه ئي توهان کي سنڌ جي لکين ملازمن کي لٺيون، واٽر ڪينن يا آنسو گئس جي شيلنگ ڪرڻي پوي خدارا هوش کان ڪم وٺو پينشن سرڪاري ملازمن جو رٽائرمينٽ ڪانپوءِ جو اثاثو آهن. گروپ انشورنس جا پئسا انهن ئي ملازمن جي جمع پونجي آهي جيڪا توهان ملازمن کي مرڻ ڪانپوءِ يا پنجهٺ سال جي عمر جي عرصي اندر مرڻ جي صورت ۾ ادا ڪندا خدارا هي ڪهڙي مشڪري آهي ڊي آر اي جيڪا پاڪستان جا ٻي صوبا ڏيئي رهيا آهن پر سنڌ صوبي جي ملازمن کي نٿو ڏنو وڃي ڇا اسين سنڌ جا ملازم پاڪستان جو حصو ناهيون ڇا؟ ڇا پاڪستان جي سموري قرض ادا ڪرڻ جو ٺيڪو سنڌ جي ملازمن کنيو آهي جيڪڏهن ائين ناهي ته اسان سنڌ جي سرڪاري ملازمن سان انصاف ڪيو وڃي انهن کي انهن جا جائز حقوق ڏنا وڃن ۽ مطالبا تسليم ڪيا وڃن

بقايا 39

سماجي ڪارڪن عابد اڪبر نوهڙيو. اويئر جي نمائندي جي حيثيت سان سيني آيل مهمانن کي ڀليڪار ڪيو ۽ پروگرام جي اهميت تي روشني وڌي. هن زور ڏنو ته اهڙيون تربيتي گڏجاڻيون سماج ۾ مثبت شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ انتهائي ڪارائتيون آهن. ورڪشاپ جي تربيتي سيشن ٽرينر مس پريا گوسوامي ڪرائي، جن شرڪت ڪندڙن کي عورتن جي حقن، عورتن خلاف ٿيندڙ تشدد جي قسمن، اسبابن ۽ ان جي اثراتن بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني. گڏوگڏ قانوني فريم ورڪ، مذهب جي ڪردار ۽ جرڳي جي مثبت ڪردار تي به روشني وڌي. مکيه مهمان، سينيئر ايڊووڪيٽ ۽ سول سوسائٽي جو اهم رڪن ميان گل منير ولهار انساني حقن جي مختلف پهلوئن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي. هن زور ڀريو ته قانون جي حڪمراني لاءِ سيني کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. هن وڌيڪ چيو ته اهڙيون سرگرميون ڳوٺائين علائقن تائين وڌايون وڃن. جيئن عورتن کي پاڪستان ۾ موجود قانونن جي وڌيڪ ڄاڻ ملي سگهي. انهيءَ کان سواءِ شرڪت ڪندڙن نوجوان سماجي اڳواڻ پرٽ بنسي مالهي، چيو ته نوجوانن جو ڪردار مثبت سماجي تبديلي لاءِ تمام اهم آهي. نوجوان عورت اڳواڻ پوجا مالهي پروگرام ۾ ڳالهائيندي ڳوٺائين عورتن تائين قانوني ڄاڻ پهچائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو سماجي اڳواڻ پيمراج ڪولهي، چيو ته گڏيل سماجي جدوجهد کان سواءِ عورتن خلاف تشدد جو خاتمو ممڪن ناهي ۽ انهيءَ جي شروعات اسان کي پنهنجي گهر کان ڪرڻ کپي. پريس ڪلب جي ميمبر ۽ سينئر امتياز ڪوسو، ورڪشاپ کي صحافتي شعور وڌائڻ لاءِ اهم قرار ڏنو. ورڪشاپ جي پڄاڻي تي سينئر صحافي ۽ پريس ڪلب عمرڪوٽ جي خزانچي غلام مصطفيٰ مهر، سيني آيل مهمانن ۽ شرڪت ڪندڙن جو ٿورائتو ٿيو ۽ چيو ته اهڙيون سرگرميون معاشري ۾ مثبت تبديلي جو ذريعو بڻجن ٿيون. تربيت جي آخر ۾ شرڪت ڪندڙن سيني معزز مهمانن کي تربيتي ورڪشاپ جا سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا

بقايا 40

ملازمن احتجاجي مظاهري ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي ۽ جوش وجذبي سان پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ زبردست جذباتي انداز ۾ نعريبازي ڪئي. اسسٽنٽ ڪمشنر ڪلوئي سجاد احمد انصاري پڻ قائم بک هڙتال ڪئمپ ۾ پهتا ۽ سرڪاري ملازمن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ۽ اتي وينل تنظيمن جي اڳواڻن جن ۾ گستا ٿرپارڪر اڳواڻ جيتيش راڻي، انب جوٽيجو، برڪت هنگورجو سپسا ضلع ٿرپارڪر ارجن لال سوٿهڙ ، الهجڙيو درس، ڪيلاش لوڊا، عطا الرحمان بجير، پ. ٽ. الف ٿرپارڪر بادل دل، رميش چوڌري، اڪبر درس، سپلا ٿرپارڪر اڳواڻ رويش گوماڻي، آل روينيو ايمپلائيز ايسوسيئيشن ٿرپارڪر اڳواڻ راجيش لوڊا، اپڪا ٿرپارڪر اڳواڻ مدن لال ڪيلا، مهراج ڪانتيش، مڪيش لڏاڻي ، آئي ٽي اي اي ٿرپارڪر اڳواڻ ارون آچاريه، سروڻ مالهي، لوڪل گورنمينٽ ايسوسيئيشن ٿرپارڪر اڳواڻ تيرٿ ڪمار، پاڪستان وٽرنري ميڊيڪل ايسوسيئيشن ٿرپارڪر (پي.وي.ايم.اي)، سنڌ پيرا وٽرنري اسٽاف ايسوسيئيشن ٿرپارڪر ڊاڪٽر واسديو، پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ٿرپارڪر ڊاڪٽر صاحب ڏنو جهنجي، ڊاڪٽر حفيظ دل، دليپ سوني، ڊاڪٽر راجيش ڪچوريا، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس ٿرپارڪر جي سڄي عملي سرڪاري ملازمن جي پنهنجي جائز حقن جي مڃتا لاءِ گڏيل جدوجهد جو ڀرپور ساٿ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ اڳواڻن حڪومت سنڌ کان اها پرزور مطالبو ڪيو ته خدارا ڪا اهڙي صحيح ، واضح يا جامع حڪمت عملي جوڙي وڃي جنهن سان بار بار پڙهيل لکيل ماڻهن پيغمبري پيشي سان سلهاڙيل استادن. مسيحائي پيشي سان وابسته ڊاڪٽرس ۽ ٻين ملازمن کي اٿين روڊن تي نڪري پنهنجي حقوق جي لاءِ جدوجهد نه ڪرڻي پوي ۽ نه ئي توهان کي سنڌ جي لکين ملازمن کي لٺيون، واٽر ڪينن يا آنسو گئس جي شيلنگ ڪرڻي پوي خدارا هوش کان ڪم وٺو پينشن سرڪاري ملازمن جو رٽائرمينٽ ڪانپوءِ جو اثاثو آهن. گروپ انشورنس جا پئسا انهن ئي ملازمن جي جمع پونجي آهي جيڪا توهان ملازمن کي مرڻ ڪانپوءِ يا پنجهٺ سال جي عمر جي عرصي اندر مرڻ جي صورت ۾ ادا ڪندا خدارا هي ڪهڙي مشڪري آهي ڊي آر اي جيڪا پاڪستان جا ٻي صوبا ڏيئي رهيا آهن پر سنڌ صوبي جي ملازمن کي نٿو ڏنو وڃي ڇا اسين سنڌ جا ملازم پاڪستان جو حصو ناهيون ڇا؟ ڇا پاڪستان جي سموري قرض ادا ڪرڻ جو ٺيڪو سنڌ جي ملازمن کنيو آهي جيڪڏهن ائين ناهي ته اسان سنڌ جي سرڪاري ملازمن سان انصاف ڪيو وڃي انهن کي انهن جا جائز حقوق ڏنا وڃن ۽ مطالبا تسليم ڪيا وڃن

بقايا 41

ملازمن احتجاجي مظاهري ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي ۽ جوش وجذبي سان پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ زبردست جذباتي انداز ۾ نعريبازي ڪئي. اسسٽنٽ ڪمشنر ڪلوئي سجاد احمد انصاري پڻ قائم بک هڙتال ڪئمپ ۾ پهتا ۽ سرڪاري ملازمن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ۽ اتي وينل تنظيمن جي اڳواڻن جن ۾ گستا ٿرپارڪر اڳواڻ جيتيش راڻي، انب جوٽيجو، برڪت هنگورجو سپسا ضلع ٿرپارڪر ارجن لال سوٿهڙ ، الهجڙيو درس، ڪيلاش لوڊا، عطا الرحمان بجير، پ. ٽ. الف ٿرپارڪر بادل دل، رميش چوڌري، اڪبر درس، سپلا ٿرپارڪر اڳواڻ رويش گوماڻي، آل روينيو ايمپلائيز ايسوسيئيشن ٿرپارڪر اڳواڻ راجيش لوڊا، اپڪا ٿرپارڪر اڳواڻ مدن لال ڪيلا، مهراج ڪانتيش، مڪيش لڏاڻي ، آئي ٽي اي اي ٿرپارڪر اڳواڻ ارون آچاريه، سروڻ مالهي، لوڪل گورنمينٽ ايسوسيئيشن ٿرپارڪر اڳواڻ تيرٿ ڪمار، پاڪستان وٽرنري ميڊيڪل ايسوسيئيشن ٿرپارڪر (پي.وي.ايم.اي)، سنڌ پيرا وٽرنري اسٽاف ايسوسيئيشن ٿرپارڪر ڊاڪٽر واسديو، پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ٿرپارڪر ڊاڪٽر صاحب ڏنو جهنجي، ڊاڪٽر حفيظ دل، دليپ سوني، ڊاڪٽر راجيش ڪچوريا، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس ٿرپارڪر جي سڄي عملي سرڪاري ملازمن جي پنهنجي جائز حقن جي مڃتا لاءِ گڏيل جدوجهد جو ڀرپور ساٿ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ اڳواڻن حڪومت سنڌ کان اها پرزور مطالبو ڪيو ته خدارا ڪا اهڙي صحيح ، واضح يا جامع حڪمت عملي جوڙي وڃي جنهن سان بار بار پڙهيل لکيل ماڻهن پيغمبري پيشي سان سلهاڙيل استادن. مسيحائي پيشي سان وابسته ڊاڪٽرس ۽ ٻين ملازمن کي اٿين روڊن تي نڪري پنهنجي حقوق جي لاءِ جدوجهد نه ڪرڻي پوي ۽ نه ئي توهان کي سنڌ جي لکين ملازمن کي لٺيون، واٽر ڪينن يا آنسو گئس جي شيلنگ ڪرڻي پوي خدارا هوش کان ڪم وٺو پينشن سرڪاري ملازمن جو رٽائرمينٽ ڪانپوءِ جو اثاثو آهن. گروپ انشورنس جا پئسا انهن ئي ملازمن جي جمع پونجي آهي جيڪا توهان ملازمن کي مرڻ ڪانپوءِ يا پنجهٺ سال جي عمر جي عرصي اندر مرڻ جي صورت ۾ ادا ڪندا خدارا هي ڪهڙي مشڪري آهي ڊي آر اي جيڪا پاڪستان جا ٻي صوبا ڏيئي رهيا آهن پر سنڌ صوبي جي ملازمن کي نٿو ڏنو وڃي ڇا اسين سنڌ جا ملازم پاڪستان جو حصو ناهيون ڇا؟ ڇا پاڪستان جي سموري قرض ادا ڪرڻ جو ٺيڪو سنڌ جي ملازمن کنيو آهي جيڪڏهن ائين ناهي ته اسان سنڌ جي سرڪاري ملازمن سان انصاف ڪيو وڃي انهن کي انهن جا جائز حقوق ڏنا وڃن ۽ مطالبا تسليم ڪيا وڃن

بقايا 42

ڪيلاش لوڊا، عطا الرحمان بجير، پ. ٽ. الف ٿرپارڪر بادل دل، رميش چوڌري، اڪبر درس، سپلا ٿرپارڪر اڳواڻ رويش گوماڻي، آل روينيو ايمپلائيز ايسوسيئيشن ٿرپارڪر اڳواڻ راجيش لوڊا، اپڪا ٿرپارڪر اڳواڻ مدن لال ڪيلا، مهراج ڪانتيش، مڪيش لڏاڻي ، آئي ٽي اي اي ٿرپارڪر اڳواڻ ارون آچاريه، سروڻ مالهي، لوڪل گورنمينٽ ايسوسيئيشن ٿرپارڪر اڳواڻ تيرٿ ڪمار، پاڪستان وٽرنري ميڊيڪل ايسوسيئيشن ٿرپارڪر (پي.وي.ايم.اي)، سنڌ پيرا وٽرنري اسٽاف ايسوسيئيشن ٿرپارڪر ڊاڪٽر واسديو، پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ٿرپارڪر ڊاڪٽر صاحب ڏنو جهنجي، ڊاڪٽر حفيظ دل، دليپ سوني، ڊاڪٽر راجيش ڪچوريا، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس ٿرپارڪر جي سڄي عملي سرڪاري ملازمن جي پنهنجي جائز حقن جي مڃتا لاءِ گڏيل جدوجهد جو ڀرپور ساٿ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ اڳواڻن حڪومت سنڌ کان اها پرزور مطالبو ڪيو ته خدارا ڪا اهڙي صحيح ، واضح يا جامع حڪمت عملي جوڙي وڃي جنهن سان بار بار پڙهيل لکيل ماڻهن پيغمبري پيشي سان سلهاڙيل استادن. مسيحائي پيشي سان وابسته ڊاڪٽرس ۽ ٻين ملازمن کي اٿين روڊن تي نڪري پنهنجي حقوق جي لاءِ جدوجهد نه ڪرڻي پوي ۽ نه ئي توهان کي سنڌ جي لکين ملازمن کي لٺيون، واٽر ڪينن يا آنسو گئس جي شيلنگ ڪرڻي پوي خدارا هوش کان ڪم وٺو پينشن سرڪاري ملازمن جو رٽائرمينٽ ڪانپوءِ جو اثاثو آهن. گروپ انشورنس جا پئسا انهن ئي ملازمن جي جمع پونجي آهي جيڪا توهان ملازمن کي مرڻ ڪانپوءِ يا پنجهٺ سال جي عمر جي عرصي اندر مرڻ جي صورت ۾ ادا ڪندا خدارا هي ڪهڙي مشڪري آهي ڊي آر اي جيڪا پاڪستان جا ٻي صوبا ڏيئي رهيا آهن پر سنڌ صوبي جي ملازمن کي نٿو ڏنو وڃي ڇا اسين سنڌ جا ملازم پاڪستان جو حصو ناهيون ڇا؟ ڇا پاڪستان جي سموري قرض ادا ڪرڻ جو ٺيڪو سنڌ جي ملازمن کنيو آهي جيڪڏهن ائين ناهي ته اسان سنڌ جي سرڪاري ملازمن سان انصاف ڪيو وڃي انهن کي انهن جا جائز حقوق ڏنا وڃن ۽ مطالبا تسليم ڪيا وڃن

روزاني عوامي سوچ ڪراچي

نمائندا گهرجن

سنڌ جي نالي واري اخبار
مسلسل 15 سال کان شايع ٿيندڙ
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
ڪي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ نمائندن جي ضرورت آهي، صحافت سان
دلچسپي رکندڙ اداري سان هيٺ ڏنل نمبر تي رابطو ڪري سگهن ٿا..
رابطي لاءِ: 03072308754

ميرپورخاص ۾ غيرقانوني رڪشا اسٽينڊن جو راڄ، ٽريفڪ جام روزانو جو معمول

سر سيد روڊ، جرواري برانچ، سول اسپتال، بلديا چوڪ سميت ڪيترن هنڌن تي رڪشا اسٽينڊن جي واڌ، گاڏيون ڪلاڪن تائين بيهي رهن ٿيون

اسڪول وينڊز پار، آفيس جا ملازم ۽ مريض سخت مشڪلاتن جو شڪار، دڪاندارن جو ڪاروبار متاثر

ٽريفڪ پوليس اهلڪار اکيون بند ڪري ويٺا آهن، پئنگ جي بدلي ۾ غيرقانوني اسٽينڊن کي تحفظ ڏنو پيو وڃي: شهرين جو الزام

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) غيرقانوني رڪشا اسٽينڊن جو راڄ، ٽريفڪ جام شهرين لاءِ عذاب بڻجي ويو آهي. ميرپورخاص شهر جي مصروف ترين شاهراهن تي غيرقانوني رڪشا اسٽينڊن جي واڌ ويجهه شهرين جي زندگي کي عذاب بڻائي ڇڏيو آهي. ٽريفڪ جام هاڻي روز جو معمول بڻجي چڪو آهي، جنهن جي ڪري اسڪول وينڊز پار، آفيس جا ملازم ۽ مريض/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٺٽو: سيد رياض حسين شاهه شيرازي پاران متاثرن جي بحالي لاءِ فوري قدم کڻڻ جي خاطري

دولهه دريا خان پل، نانگن ۽ گيل موري جي متاثر ڳوٺن جو تفصيلي دورو، ريسڪيو آپريشن جو جائزو

خوراڪ، رهائش، طبي امداد ۽ صاف پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ هدايتون جاري

حفاظتي بندن جي نگراني، متاثرن جي رجسٽريشن ۽ رليف پيڪيجز جي فراهمي تي زور

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) صوبائي وزير ۽ فوڪل پرسن جو ٻوڏ متاثر علائقن جو دورو، متاثرن جي بحالي ۽ فوري امدادي قدم کڻڻ جو يقين ڏياريو _ صوبائي وزير اوقاف، مذهبي معاملات، زڪوات ۽ عشر ۽ فوڪل پرسن فلڊ ايمرجنسي ڪوٽڙي بيئراج ڊائون اسٽريم سيد رياض حسين شاهه شيرازي، سيد تنوير حيدر شاهه شيرازي سان گڏجي دولهه دريا خان پل جي ويجهو ۽ نانگن ۽ گيل موري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٺٽو: سيد رياض حسين شاهه شيرازي پاران متاثرن جي بحالي لاءِ فوري قدم کڻڻ جي خاطري ڪرائي آهي

ڏوڪري پريس ڪلب جي سرپرست صحافي زبير زار منگي جي پيءُ جو لاڏاڻو، تعزيت جو سلسلو جاري

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري پريس ڪلب جي سرپرست اعلي صحافي زبير زار منگي جي پيءُ، شڪيل احمد منگي ۽ طارق منگي جي امڙ، اسسٽنٽ مختيارڪار ڪامران ضمير منگي جي پڦي بيماري سبب لاڏاڻو ڪري وئي مرحوم کي اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو هوڏانهن مرحوم جي پونئيرن سان تعزيتن جو سلسلو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪوٽ غلام محمد ۾ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻي منعقد

اقبال رند، يوسف سولنگي، حنيف گورچاڻي ۽ ڊاڪٽر دلدار لغاري پاران ادبي تخليقون پيش، دوستن جو تبصرو

شگر ملز جو زهريلو پاڻي ڇڏڻ خلاف سخت مذمت، انتظاميا کان فوري بندش جو مطالبو

سنڌي ادبي سنگت پاران ماحولياتي تباهي خلاف تحريڪ هلائڻ جو اعلان، روزگار ۽ حياتيءَ تي اثر جو ذڪر

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽ: عبدالحميد ڪوسو) ڪوٽ غلام محمد سنڌي ادبي سنگت ڪوٽ ميرس لاڏيءَ جي گڏجاڻي ڏهون ميل موري تي ٿي گذري گڏجاڻي ۾ غزل جي برڪ شاعر اقبال رند غزل يوسف سولنگي گيت حنيف گورچاڻي آزاد نظم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪوٽ غلام محمد ۾ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي آهي

ٽنڊو غلام علي ۾ صوبائي وزير مير طارق علي خان ٽالپر جي مان ۾ آجياڻي تقريب

ڏگهڙي (رپورٽر) ڏگهڙي :سماجي ڀلائي واري کاتي جي صوبائي وزير محترم مير طارق علي خان ٽالپر صاحب جن جي مان ۾ پ پ ضلعي بدين جي چونڊيل نمائيندن ايم اين ايز ،ايم پي ايز ۽ پارٽي اڳواڻن ٽالپر هائوس ٽنڊو غلام علي تي آجياڻي جي هڪ شاندار تقريب ڪوٺائي وئي تقريب جا ميزبان پ پ ايم اين اي مير غلام علي ٽالپر هيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

مٺي ۾ حد دخلين خلاف ڪارروائي دوران صحافين سان بداخلاقي، احتجاج جو چتاءُ

بس ٽرمينل تي ريڙهن وارن جي مظاهري دوران پوليس صحافين جا موبائل ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي

صحافين پاران ايس ايڇ او قادر بخش ڀرڙي خلاف ڪارروائي جو مطالبو، صحافتي آزاديءَ تي حملو قرار

مٺي (ڊ_رمحمدرحيم مگريو) اسسٽنٽ ڪمشنر مٺي جي بس ٽرمينل تي حد دخلين خلاف ڪارروائي. دوران ڪئبينن ۽ ريڙهن وارن جي احتجاجي مظاهري دوران مٺي پوليس آپي مان نڪري وئي ۽ صحافين جو موبائل فون ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي. مٺي پوليس حددخلين هٽائڻ ۽ متاثر مزدورن جي احتجاج جي ڪوريج لاءِ پهتل صحافين تي مچرجي آپي مان نڪري وئي ايس ايڇ او مٺي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي سنڌ ۾ سرڪاري ادارن جي تالا بندي، ملازمن جا معاشي مطالبا

آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن جي اڳواڻن پاران بيان: ڊي آر اي الائونس موجوده بيسڪ تي ڏنو وڃي، گروپ انشورنس ۽ پينشن قانون بحال ڪيو وڃي

ڪراچي جي سرڪاري ڪاليجن، اسپتالن، اسڪولن سميت ميرپورخاص ڊويزن ۾ مڪمل تالا بندي، استادن، پروفيسرن ۽ ملازمن جي ڀرپور شرڪت

مطالبن جي مڃتا نه ٿيڻ جي صورت ۾ 6 آڪٽوبر تي بلاول هائوس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو، احتجاج اڻٽر مدي تائين جاري رهندو: ملازمن جو اعلان

ڪراچي (رپورٽ: منصور چانڊيو) سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي 29 سيپٽمبر کان 2025__06 آڪٽوبر تائين ڪراچي سميت پوري سنڌ جي سڀني سرڪاري ادارن ۾ تالا بندي ڪئي ويندي آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن شهيد سنڌ جي صدر عابد حسين چانڊيو، سينيئر نائب صدر احسان علي مگسي ، نائب صدر اعجاز علي پتو، نائب صدر مسرور علي خشڪ ڪراچي ڊويزن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪيٽي بندر ۾ سرڪاري ملازمن جو احتجاج ستين ڏينهن به جاري، تعليمي ۽ صحت ادارا بند

احتجاج سبب شاگرد تعليم کان محروم، مريض علاج لاءِ دربدر، والدين ۽ وارثن جو تعليم کاتي کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

احتجاج دوران رورل هيلٿ سينٽر، اسڪولن ۽ آفيسن کي تالا، ملازمن پاران نعريبازي ۽ ڌرڻا هنيا ويا

پينشن، ڊي آر الائونس ۽ گروپ انشورنس جي بحالي لاءِ احتجاج، مطالبا نه مڃيا ويا ته تحريڪ وڌيڪ سخت بڻجندي

ڪيٽي بندر (رپورٽ: خليفو قادر عثمان) سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي تعلقي ڪيٽي بندر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ سرڪاري ملازمن جو احتجاج ستين ڏينهن به جاري رهيو. احتجاج دوران تعليمي ادارا ۽ صحت مرڪز مڪمل طور تي بند /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪيٽي بندر ۾ سرڪاري ملازمن جو احتجاج ستين ڏينهن به جاري آهي

سجاول ۾ سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي ملازمن جي احتجاجي بڪ هڙتال

سجاول (رپورٽ: امتياز ميمڻ) پوري سنڌ جيان سجاول ضلعي ۾ سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي ملازمن پاران اڄ ستين ڏينهن به سرڪاري ادارن جي تالابندي ڪري احتجاجي بڪ هڙتال قائم ڪئي وئي سجاول: احتجاجي بڪ هڙتال ۾ گستا ضلعي جي صدر ۽ ايمپلائنز الائينس ضلعي سجاول جي اڳواڻ غلام قادر باغي جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

لڪاڏنو گندرو جي ڌاڻهن، بااثر زميندار جي زيادتين خلاف ٺٽي ۾ صحافين آڏو احتجاج

شڪاري ڪتي کي ڪهاڙيون هڻي مارڻ، به ڪتا زخمي، جانورن تي تشدد خلاف ڪاروائي جو مطالبو

8 ايڪڙ خريد ڪيل زمين جو ڪاتو نه ملڻ، رستو بند ڪرڻ ۽ ڌمڪين سبب متاثر خاندان پريشان

سيشن جج، ڊي سي، ايس ايس پي ۽ چونڊيل نمائندن کان تحفظ ۽ انصاف جي اپيل، ٻي صورت ۾ عدالت جو رخ

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽي ويجهو بگهاڙ موري لڳ ديہ ڏوماٽي ايسٽ جي ڳوٺ لڪاڏنو گندرو جي رهواسي معزز وڏيرو لڪاڏنو گندرو ٺٽي پهچي صحافين اڳيان دانهيندي الزام هڻندي چيو آهي ته سندن ڳوٺ پرسان بااثر زميندار جميل احمد عابداڻي جي چرچ تي سندس چوڪيدار حبيب گندرو پاران هڪ هفتو اڳ 23 سيپٽمبر تي سندس هڪ تازي شڪاري ڪتي کي ڪهاڙيون هڻي ماري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٺٽي جي ڳوٺ واسين طرفان جو بااثر شورا برادري خلاف احتجاج، ڌرڻو

گهرن تي حملا، باهيون، تشدد ۽ يرغمال بڻائڻ خلاف متاثر خاندانن جو روڊ بلاڪ، ٽريفڪ معطل

سومار ملاح جي اغوا، عورتن جي تذليل ۽ گهرن تي قبضو، پوليس جي خاموشي تي سخت نعريبازي

سيشن جج، ايس ايس پي ۽ انساني حقن جي تنظيمن کان انصاف جي اپيل، ٻي صورت ۾ سخت احتجاج جو اعلان

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) چليا لڳ ڪينجهر ڍند ڪناري ڳوٺ رمضان ميربحر جي ڪيترن ئي متاثر رهواسين پاران پنهنجي عورتن ۽ معصوم ٻارڙن سان گڏ ٺٽي ۾ بااثر ماڻهن جي زيادتين، سندن گهرن تي حملا ڪري سندن گهرن کي باهيون ڏيڻ، سامان ڪٽي ڪين وڏو نقصان پهچائي سندن عورتن تي تشدد ڪري انهن جي تذليل ڪري سندن گهرن تي هوائي فائرنگ ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٺٽي جي ڳوٺ واسين طرفان جو بااثر شورا برادري خلاف احتجاج جو ڏيک

گهوٽڪي ۾ صحافي امتياز مير جي قتل ۽ صحافين تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ خلاف احتجاج

ڏهرڪي (رپورٽ: خير محمد گرگيج) گهوٽڪي پريس ڪلب جي سڏ تي صحافي امتياز مير جي قتل ۽ ڏهرڪي ۾ صحافين تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ خلاف اڄ گهوٽڪي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهري ۾ پريس ڪلب جي عهديدارن، شهر جي سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن، وڪيلن، استادن ۽ سول سوسائٽي جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٺٽي ۾ سيد رياض شاهه شيرازي پاران سرڪاري ملازمن سان يڪجهتي جو اظهار

پيپلز پارٽي سرڪاري ملازمن جي خدشن کان واقف، پينشن ۽ مراعات جلد حل ڪرڻ جي خاطري

سنڌ ايمپلائيز الائنس جي چيئرمين غلام نبي خشڪ پاران وزير جي ڪردار کي قابل تعريف قرار

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) صوبائي وزير اوقاف، مذهبي امور، زڪوات ۽ عشر سيد رياض حسين شاهه شيرازي سنڌ ايمپلائيز الائنس ٺٽو پاران جاري علامتي بک هڙتال ۾ شرڪت ڪري سرڪاري ملازمن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٺٽي ۾ سيد رياض شاهه شيرازي پاران سرڪاري ملازمن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو آهي

لاڙڪاڻي ۾ نوجوان سهيل احمد ابڙو جو پريس ڪلب اڳيان احتجاج

والد ذهني طور بيمار، ملڪيت تي ڀاءُ رب نواز ابڙو زبردستي قبضو ڪري ڇڏيو، مون کي امڙ سميت گهران ڪڍي ڇڏيو: سهيل احمد ابڙو

معزز شخصيت جي فيصلي مطابق ملڪيت مان برابر حصو ڏيڻ جو حڪم، ڀاءُ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي

لاڙڪاڻو (رپورٽ: عبدالستار سيال) لاڙڪاڻي ۾ ڳيريلو شهر جي ابڙا پاڙي جي رهواسي نوجوان بااثر ڀاءُ ۽ مائٽن جي مبينا زيادتين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ نوجوان سهيل احمد ابڙو ڌانهيندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڊاڪٽر صالح احمد چنه غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج جي پرنسپال مقرر

نئين پرنسپال جي حيثيت سان ڊاڪٽر صالح چنه جو عهدو سنڀالڻ، ايمانداري ۽ حسنِ سلوڪ سان ذميواريون نڀائڻ جي هدايت

سول اسپتال ۽ ڪاليج جي روزاني نگراني جو اعلان، غفلت تي تاديبي ڪارروائي جو خبردار

سکر (بيوروچيف عبدالاحد عباسي) پروفيسر ڊاڪٽر صالح احمد چنه (FCPS Medicine) تازو ئي غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج (GMM)/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سکر مان گم ٿيل نياڻي فضا شيخ جو لاش پاڻي جي ٽانڪي مان هٿ

هڪ هفتو اڳ گم ٿيل نياڻي جو لاش ڊيڪوريشن دوڪان جي ٽنڪي مان مليو

لاش سول اسپتال منتقل، پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي، گهر پهچڻ تي روڄ راڙو، علائقي ۾ سوڳ جو ماحول

سکر (بيوروچيف عبدالاحد عباسي) سکر جي قريشي ڳوٺ واري علائقي مان هڪ هفتو اڳ پراسرار طور گم ٿي ويل 6 ورهين جي نياڻي فضا ڌيءُ دلدار شيخ جو پاڻي جي ٽنڪي مان لاش هٿ ڪري گهر ۾ ڪهرام متل ان سلسلي ۾ سکر جي نئين پنڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪوٽ غلام محمد ۾ اسڪولن جي تالابندي خلاف شاگردن جو احتجاج

سنڌ ايمپلائيز الائنس پاران سرڪاري ادارن جي بندش جو اعلان، شاگردن جي اڪين ۾ لڙڪ اچي ويا

سرڪاري ملازمن جا مسئلا حل ڪري تعليمي ادارا فوري طور کوليا وڃن: شاگردن جو مطالبو

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽ: عبدالحميد ڪوسو) ڪوٽ غلام محمد سنڌ حڪومت پاران سرڪاري ملازمن جا جائز مطالبا پورا نه ٿيڻ سبب، سنڌ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪوٽ غلام محمد ۾ اسڪولن جي تالابندي خلاف شاگردن جو احتجاج جو ڏيک

مولانا اسامه محمود هاليجوي جمعيت طلباءِ اسلام سنڌ جو صدر منتخب

مرڪزي ناظم مولانا سعود افضل هاليجوي پاران مبارڪباد، علم ۽ دانش سان تنظيم کي وڌيڪ فعال بڻائڻ جي اميد

مدرسي منزل گاهه سکر ۾ وفد جي ملاقات، گلن جا هار پارايا ويا، طلباء جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ جو عزم

سکر (بيوروچيف عبدالاحد عباسي) جمعيت علماء اسلام جي مرڪزي ناظم مولانا محمد سعود افضل هاليجاوي، جمعيت طلباء اسلام جي سرگرم رهنما مولانا اسامه محمود هاليجاوي کي جمعيت طلباء اسلام صوبي سنڌ جو صدر منتخب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24



مولانا اسامه محمود هاليجوي جمعيت طلباءِ اسلام سنڌ جو صدر منتخب ٿي ويو آهي

ميرپورخاص عدالت ۾ پوجا مينگهواڙ جي پيءُ سان ملاقات دوران جهيڙو

نو مسلم ڪريمه پوجا مينگهواڙ عدالت ۾ بيان ڏيڻ آئي، والدين کي ڏسي جذباتي ٿي پيءُ جي ڳلي لڳي پئي

مڙس ۽ سندس مائٽن پاران ڇوڪري تي تشدد، عدالت جي احاطي ۾ جهيڙو، سول جج الهي بخش کي پوليس جي حوالي ڪيو ويو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ٻه مهينا اڳ دلبر مهر ٽائي جي حد سان تعلق رکندڙ پوجا ميگهواڙ مرپورخاص جي عدالت ۾ پيشي دوران ڊوڙي ماءُ سان ڳلي ملي عدالت ۾ جهيڙو اڄ جڏهن پوجا مينگهواڙ نومسلم ڪريمه عدالت ۾ بيان ڏيڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

احمدپور پريس ڪلب ۾ جنرل ڪائونسلر ممتاز علي شيخ جو دورو

پريس ڪلب جي صدر خواجه بدرالدين ۽ ٽيم جي بي لوث ڪوريج تي تعريف، صحافين جي مسئلن جي حل لاءِ خاطري

پيپلزپارٽي جي ايم اين اي سان ملاقات جو اعلان، پريس ڪلب جي سرڪاري بلڊنگ لاءِ ڪوشش

احمدپور (رپورٽ: سرفراز علي ميتلو) احمدپور پريس ڪلب ۾ ٽائون ڪاميٽي احمدپور جي وارڊ نمبر هڪ ۾ نئين چونڊجي آيل جنرل ڪائونسلر پريس ڪلب پهچي بهترين ميڊيا ڪوريج ڪرڻ تي پريس ڪلب جي صدر کي گلن جا هار پارائي پوري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

احمدپور پريس ڪلب ۾ جنرل ڪائونسلر ممتاز علي شيخ جو دورو ڪيو آهي

چوهڙ جمالي ۾ 10 سالا نياڻي جي سرويڪل ويڪسين بعد حالت خراب

نياڻي عزيزان سومرو جي ويڪسين بعد بدن تي ڦڪنيا ظاهر، 11 ڏينهن گذرڻ باوجود طبعيت ۾ ڪو به سڌارو نه آيو

نياڻي جو فوري علاج ڪيو وڃي، زندگي بچايو وڃي: ڊاڪٽرن ۽ ويڪسين ٽيم جو دلاسو بي اثر، والد جو مطالبو

چوهڙ جمالي (رپورٽ: شاهدحسيني) چوهڙ جمالي جي ڳوٺ ارباب ربڏنو سومرو جي 10 سالا نياڻي جي سرويڪل ويڪسين ٿيڻ سبب حالت خراب / نياڻي جي صحت ۾ ڪو به سڌارو نه آيو غريب پيءُ سخت پريشان چوهڙ جمالي جي ڳوٺ ارباب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

اوباوڙو ۾ تعلقه پريس ڪلب جي چيئرمين اقبال انجم ملڪ دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو

اقبال انجم ملڪ کي ڳنڀير دل جو دورو پوڻ جي حالت ۾ شيخ زيد اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي علاج دوران دم ڏني حوالي ڪري ويو

مرحوم جو مڙهه اباڻي گهر ملڪ ڪالوني آندو ويو، محلي ۾ سوڳ، جنازي نماز اسٽيڊيم گرائونڊ ۾ ادا ڪئي وئي

اوباوڙو (رپورٽ: عبدالحميد عباسي) اوباوڙو تعلقه پريس ڪلب جو چيئرمين سينيئر صحافي اقبال انجم ملڪ اچانڪ دل جو دوري پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو سندن جي نمازجنازي ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن صحافين ۽ شهرين جي وڏي انگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

تلهار جي 1908ع واري تاريخي ريلوي اسٽيشن کنڊرات ۾ تبديل

ريلوي ٽريڪ مان بلٽون ۽ لوهي پٽيون چوري، 10 سرڪاري ڪوارٽرز مسمار ٿيڻ بعد قبضي هيٺ

2008ع ۾ بحال ٿيل ريلوي سروس 2021ع ۾ لاڪ ڊائون سبب بند، اڄ تائين ٻيهر بحال نه ٿي سگهي: رپورٽ

اعجاز چانگ، قادر بخش جوڻيجو، انور علي سميت شهرين جو مطالبو: ريلوي سروس بحال ڪري مسافرن ۽ واپارين کي سهولت ڏني وڃي

تلهار (رپورٽ: مختياراحمد ملاح) تلهار جي 1908ع ۾ تعمير ٿيل ريلوي اسٽيشن هاڻي کنڊرات جو ڏيک ڏيڻ لڳي آهي. موالي لڏي چور ريلوي ٽريڪ مان بلٽون اکيڙي ڇڏيون آهن ۽ لوهي پٽيون به غائب ٿي ويون آهن. اسٽيشن سان لاڳاپيل 10 سرڪاري ڪوارٽرز به مسمار ٿيڻ کان پوءِ ماڻهن قبضي ۾ آڻي ورتا آهن. تفصيل موجب، تلهار جي قديم ريلوي اسٽيشن- جيڪا 1908ع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ميرپورخاص ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ پوليس آفيسرن ۽ ليڊي ڪانسٽيبلن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ

ايس ايس پي آفيس ميرپورخاص ۾ شاندار تقريب، تنبو جان محمد ۽ جهڏو جي پوليس آفيسرن سميت ليڊي ڪانسٽيبلن کي اعزاز ڏنا ويا

پوليس اهلڪار عوام جي تحفظ لاءِ ڏينهن رات محنت ڪري رهيا آهن، ليڊي ڪانسٽيبلن جي جذبي کي سلام آهي: ايس ايس پي سمير نور چنا جو خطاب

اسان ايمانداري ۽ لگن سان مستقبل ۾ به فرض نڀائيندا سين: ڊي ايس پي خدا بخش ٿيٻو جي شرڪت، پوليس آفيسرن جو عزم

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ايس ايس پي ميرپورخاص ڊاڪٽر سمير نور چنا بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن، خاص طور تي ليڊي ڪانسٽيبلن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنا. تفصيل موجب، ايس ايس پي ميرپورخاص ڊاڪٽر سمير نور چنا پاران ايس ايس پي آفيس ميرپورخاص ۾ هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ پي ايس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ميرپورخاص ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ پوليس آفيسرن ۽ ليڊي ڪانسٽيبلن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنا پيا وڃن

نبي سر ۾ سائين پارو مل ڪولهي جي 19هين ورسي، خدمت ۽ شخصيت کي ڀيٽا

ڏگهڙي (رپورٽر) قومي اسيمبليءَ جي اڳوڻي ميمبر، نامور ليڪڪ، شاعر، گائيڪ ۽ استاد سائين پارو مل ڪولهي جي 19هين ورسي نبي سر ۾ وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي، جنهن ۾ سنڌ جي مختلف شهرن مان شاعرن، اديبن، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن سميت هزارين ماڻهن شرڪت ڪري هن عظيم شخصيت کي ڀيٽا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪوٽ غلام محمد ۾ معذور ماڻهن لاءِ وئيل چيئر ورهائڻ جي تقريب

ڊسيبلڊ ويلفيئر ايسوسيئيشن جي تعاون سان مستحق عورتن، مردن ۽ ٻارن کي وئيل چيئرز فراهم

تقريب ۾ سياسي، انتظامي ۽ سماجي اڳواڻن جي شرڪت، بيريسٽر حمزه خان جي خدمت تي شڪريو

معذور ماڻهن پاران انتظامن تي اطمينان جو اظهار، سماجي ذميواري جي مشعلِ راهه قرار

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽ: عبدالحميد ڪوسو) ڪوٽ غلام محمد ٽائون ڪميٽيءَ ۾ بيريسٽر نوابزاده مير حمزه خان ٽالپور پاران، ڊسيبلڊ ويلفيئر ايسوسيئيشن جي تعاون سان، معذور عورتن، مردن ۽ ننڍن ٻارن ۾ وئيل چيئر ورهائڻ جي تقريب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڪوٽ غلام محمد ۾ معذور ماڻهن لاءِ وئيل چيئر ورهائڻ جي تقريب منعقد آهي

ميهڙ تعلقه اسپتال ۾ ملازمن جو ڇهين ڏينهن به احتجاج، او پي ڊي مڪمل بند

ميهڙ (رپورٽر) تعلقه اسپتال گمس ميهڙ ۾ ڇهين ڏينهن به سرڪاري ملازمن جو پنهنجي حقن ڊي آر اي الائونس، پينشن ڪٽوتي بل واپس ڪرڻ گروپ انشورنس ڏيڻ ،بينيولينٽ فنڊ،پگهارن ۾ 70 سيڪڙو واڌ لاءِ سنڌ امپلائيز الائنس جي سڏ تي ڇهين ڏينهن به گرينڊ هيلٿ الائنس طرفان سواءِ ايمرجنسي جي سموري او پي ڊي جو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

لاڙڪاڻي ۾ نابين نوجوانن جو پيپلز بس سروس جي ڪنڊڪٽر خلاف احتجاج

مختيار علي مگسي، عبدالرشيد ابڙو ۽ سالار جانوري پاران پريس ڪلب اڳيان مظاهرو، معذورن جي مخصوص سيٽن تان زبردستي اٿارڻ جو الزام

بس جي ڪنڊڪٽر قلب حسين بگٽي پاران گستاخ لفظ ڳالهائڻ ۽ ڌمڪيون ڏيڻ جو دعوي، معذورن لاءِ ڪرايو معاف هجڻ باوجود تنگ ڪيو ويو

لاڙڪاڻو (رپورٽ: عبدالستار سيال) لاڙڪاڻي جي مختلف علائقن جي رهواسي ٽن نابين نوجوانن طرفان پيپلز بس سروس جي ڪنڊڪٽر جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ چانڊڪا پل جي رهواسي نابين نوجوان ناليواري راڄپ، ضلعي ڪائونسل لاڙڪاڻو ۽ آرٽس ڪائونسل لاڙڪاڻو جي ميمبر نابين مختيار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

جيڪب آباد ۾ صحافي امتياز مير جي ٽارگيٽ ڪلنگ خلاف صحافين جو احتجاج

امتياز مير کي گولين جو ڪاچ بڻايو ويو، زخمن جا سور نه سهندي دم ڏڻي حوالي ڪيائين، صحافين پاران قتل جي سخت مذمت

ڊسٽرڪٽ نيشنل پريس ڪلب جي صحافين جو چوڻ: حق سچ لکڻ تي صحافت جو گلا گهوٽيو پيو وڃي، صحافي عدم تحفظ جو شڪار

بابو حيدر مگسي، نواز سولنگي، بخشڻ لهر سميت صحافين جو احتجاجي مظاهرو، قاتلن جي گرفتاري ۽ صحافين جي تحفظ لاءِ قانون جوڙڻ جو مطالبو

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد ڊسٽرڪٽ نيشنل پريس ڪلب پاران صحافي امتياز مير جي قتل جي مذمت، صحافي برادري جو احتجاج. اڄ جي صحافت آزاد ناهين صحافي امتياز مير کي ٽارگيٽ ڪلنگ ذريعي گولين جو ڪاچ بڻايو ويو جنهن زخمن جا سور نه سهندي موت سان جهيڙيندي نيٺ دم ڏڻي حوالي ڪيائين جوابدار گرفتار ڪيا وڃن. مطالبو.. خبر موجب جيڪب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

مٺي ۾ سنڌ ايمپلائيز الائنس جي علامتي بک هڙتال، هزارين ملازمن جو احتجاج

اسسٽنٽ ڪمشنر ڪلوئي پاران احتجاجي ڪئمپ جو دورو، ملازمن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو

استادن، ڊاڪٽرن، وٽرنري عملي، آءِ ٽي، روينيو ۽ لوڪل گورنمينٽ ملازمن جو گڏيل جدوجهد جو اعلان

پينشن، گروپ انشورنس، ڊي آر اي ۽ بنيادي مراعات جي بحالي لاءِ حڪومت کان واضح حڪمت عملي جو مطالبو

مٺي(ڊ_رمحمدرحيم مگريو) سنڌ ايمپلائيز الائنس سنڌ جي سڏ تي اعلانيل علامتي بک هڙتال جي ڊپٽي ڪمشنر آفيس ٿرپارڪر تي قائم علامتي احتجاجي ڪئمپ تي سنڌ ايمپلائيز الائنس ٿرپارڪر ۾ شامل ٿرجي هزارين سرڪاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

مٺي ۾ سنڌ ايمپلائيز الائنس جي علامتي بک هڙتال، هزارين ملازمن جو احتجاج جو ڏيک

شاهپور جهانيان ۾ سرڪاري ملازمن جو احتجاج، اسڪولن ۽ اسپتالن جي تالابندي جاري

شاهپور جهانيان (رپورٽر) سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سڏ تي پوري سنڌ جا لکين سرڪاري ملازم سراپا احتجاج بڻيل آهن. يونين ڪائونسل گڇيرو پراڻو جي سمورن اسڪولن، اسپتال ۽ ٻين ادارن جي تالابندي ڪري احتجاج ڪيو پيو وڃي. ب ٿ الف تعلقہ مورو جي صدر استاد جاويد احمد ٻگهيو جي اڳواڻيءَ ۾ تدريسي عمل عمل بند ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

عمرڪوٽ پريس ڪلب ۾ عورتن جي حقن ۽ تشدد خلاف تربيتي ورڪشاپ

اويئر ۽ سي پي ڊي آئي جي سهڪار سان ورڪشاپ، شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي وائي سان شروعات، عابد اڪبر نوهڙيو پاران پليڪار

ٽرينر پريا گوسوامي پاران عورتن خلاف تشدد جي قسمن، قانوني فريم ورڪ ۽ جرڳي جي مثبت ڪردار تي روشني

ميان گل منير ولهار، پوجا مالهي، پرت بنسي مالهي، پيمراج ڪولهي سميت اڳواڻن جو خطاب، ڳوٺاڻين علائقن تائين قانوني ڄاڻ پهچائڻ تي زور

عمرڪوٽ (ڊر محمد بچل) عورتن جي حقن ۽ تشدد خلاف تربيتي ورڪشاپ 29 سيپٽمبر 2025 تي پريس ڪلب عمرڪوٽ ۾ اويئر پاران سي پي ڊي آئي جي سهڪار سان "عورتن جي حقن ۽ عورتن خلاف تشدد" موضوع تي تربيتي ورڪشاپ جو انعقاد ڪيو ويو. ورڪشاپ جي شروعات شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي وائي سان ڪئي وئي انهي کان پوءِ پروگرام جي اڳتي وڌائيندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

دادو ۾ بدامني خلاف واپارين جو احتجاج، ايس ايس پي جي بدلي جو مطالبو زور وٺي ويو

اسٽيشن روڊ کان پريس ڪلب تائين ريلي، واپارين پاران پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي

روزانو 8 کان 10 ڦرن جا واقعا، واپاري ذوالفقار سومرو جي دوڪان تان 15 لک کان وڌيڪ ڦرتي آهي: مظاهرين

ايس ايس پي کي هٽايو، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو: انجمن تاجران جو اعلان

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو ۾ بدامني جي راڪاس خلاف انجمن تاجران ضلع دادو جي سڏ تي دوڪاندار ۽ واپاري اسٽيشن روڊ کان پيادل ريلي ڪڍي دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ايس ايس پي ۽ دادو پوليس خلاف سخت نعري بازي ڪرڻ بعد دادو پريس ڪلب ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي انجمن تاجران ضلع دادو صدر گل حسن پنهور، ممتاز چنا، اقبال قريشي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

دادو: بدامني خلاف انجمن تاجران طرفان واپاري روڊن تي آهن

ميرپورخاص ۾ دڪان تان لکين رپين جو سامان چوري، متاثر ڌرين جو انصاف لاءِ مطالبو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) مهراڻ پوليس اسٽيشن جي حد ۾ چوري، لکين رپين جو نقصان. ميرپورخاص مهراڻ پوليس اسٽيشن جي حد ۾ ڪپرو اسٽينڊ چوڪ جي ويجهو ماروي سوئيٽس گلي ۾ نامعلوم چور گذريل رات دير سان موٽرسائيڪل ميڪينڪ ۽ جنريٽر جي مرمت جي دڪان جا تالا ٽوڙي سامان چوري ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12